جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 17 | آچر 15 نومبر 2026ع بمطابق 04 جمادي الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 35

پاڪستان آءِ ايم ايف جي چئن مان 3 اهم مالياتي شرطون پوريون ڪري ڇڏيون

پروفاقي حڪومت ڪي قومي اهميت جي منصوبن ۽ سيڪيورٽي خرچن لاءِ چئني صوبن کان ساليانو طئي ٿيل گرانٽ جو صرف 6 سيڪڙو ملي سگهيو، ناڻي واري وزارت موجب چئني صوبن پهرين ٽن مهينن ۾ گڏيل طور تي 57 ارب 50 ڪروڙ روپيه روڪ مدد فراهم ڪئي

جون ۾ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ ٿيل معاهدي جي تحت هلندڙ مالي سال ۾ صوبن کي گڏيل طور تي هڪ کرب 3 ارب 50 ڪروڙ روپيه نه پر هڪ هزار 35 ارب روپيه فراهم ڪرڻا هئا

ملندڙ رقم ۾ پنجاب جو حصو سڀني کان وڌيڪ 32 ارب 50 ڪروڙ روپيه رهيو، سنڌ 8 ارب 50 ڪروڙ، خيبرپختونخواهه 12 ارب 70 ڪروڙ بلوچستان 3 ارب 70 ڪروڙ روپيه فراهم ڪيا

خيبرپختونخواهه حڪومت انهي کان اڳ صوبائي مدد کي پي ٽي آءِ باني عمران خان سان ملاقات سان مشروط ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو، مالياتي انگن اکرن موجب چارئي صوبا ٽيڪس وصولين جو آئي ايم ايف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا

انهن روڪ سرپلس پيدا ڪرڻ جو حدف پورو ڪري ورتو. وفاقي حڪومت به پرائمري بجيٽ سرپلس ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو جي ٽيڪس وصولين جو مقرر حدف حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيا

پهرين ٽن مهينن لاءِ پرائمري بجيٽ سرپلس جو حدف هڪ هزار 950 ارب روپيه مقرر هو، پر وفاقي حڪومت 2 هزار 970 ارب روپين جو سرپلس ظاهر ڪيو. جيڪو گڏيل قومي پيداوار جو 2.1 سيڪڙو بڻجڻ تي شامل ڪرڻو هو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي (جولاءِ کان سيپٽمبر) جي دوران عالمي مالياتي فنڊ (آئي ايم ايف) جون چئن مان 3 اهم مالياتي شرطون پوريون ڪري ورتيون، پروفاقي حڪومت ڪي قومي اهميت جي منصوبن ۽ سيڪيورٽي خرچن لاءِ چئني صوبن کان ساليانو طئي ٿيل گرانٽ جو صرف 6 سيڪڙو ملي سگهيو، ناڻي واري وزارت موجب چئني صوبن پهرين ٽن مهينن ۾ گ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ذيابيطس سڄي دنيا ۾ عوامي صحت جي لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي: شهباز شريف

وزيراعظم شهباز شريف عالمي دنيا سان هڪ آواز تي سڄي دنيا ۾ پکڙيل ذيابيطس جي روڪٿام جي لاءِ موثر قدمن ۽ گڏيل تعاون جي اهميت تي زور

وقت سر اسڪريننگ ۽ تشخيص سان ذيابيطس جي ممڪن مريضن کي ان مرض ۾ مبتلا ٿيڻ ۽ سنگيني کان بچائي سگهجي ٿو

پاڪستان ذيابيطس جي عالمي ڏينهن تي عالمي دنيا سان هڪ آواز تي سڄي دنيا ۾ پکڙيل ذيابيطس جي روڪٿام جي لاءِ موثر قدمن ۽ گڏيل تعاون جي اهميت تي زور ڏي ٿو

اهو موضوع به ان ڳالهه جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو ته بيماري جي پيچيدگين کان بچاءُ ۽ قيمتي انساني جانين جي تحفظ جي لاءِ وقت سر اسڪريننگ ۽ طبي مداخلت وقت جي اهم ضرورت آهي

هن سال هي عالمي ڏينهن "ذيابيطس جي خلاف وقت سر قدم" جي عنوان هيٺ ملهايو پيو وڃي، ذيابيطس سڄي دنيا ۾ عوامي صحت جي لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي جنهن سان لکين ماڻهو متاثر ٿي رهيا آهن

وقت سر اسڪريننگ ۽ تشخيص سان ان مرض جي ممڪن مريضن کي ان مرض ۾ مبتلا ٿيڻ ۽ سنگيني کان بچائي سگهجي ٿو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف عالمي دنيا سان هڪ آواز تي سڄي دنيا ۾ پکڙيل ذيابيطس جي روڪٿام جي لاءِ موثر قدمن ۽ گڏيل تعاون جي اهميت تي زور ڏيندي چيو آهي ته وقت سر اسڪريننگ ۽ تشخيص سان ذيابيطس جي ممڪن مريضن کي ان مرض ۾ مبتلا ٿيڻ ۽ سنگيني کان بچائي سگهجي ٿو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ذيابيطس جي ع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪندي

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان عدالتي سڌارن بابت جامع رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

اسلام آباد(رپورٽر) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان عدالتي سڌارن بابت جامع رپورٽ جار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي، 100 انڊيڪس 3 هزار 987 پوائنٽس وڌي ويو

ڪراچي (م د) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ گذريل ڪاروباري هفتي دوران مثبت رجحان برقرار /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

محسن نقوي ڏنل ڪم تي ڪم ڪري ٿو: اياز صادق

هر وزير پنهنجي وزارت هلائي رهيو آهي، هر هڪ جو پنهنجو ڪردار آهي، اهي اهو نه پڇندا آهن ته ترميم اچي رهي آهي يا نه

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڏنل اسائنمنٽ تي ڪم ڪري ٿو، منهنجو ڪم تڏهن شروع ٿيندو

لاهور(م د) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اياز صادق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

آمريڪا: مسافرن سان ڀريل ڪارگو جهاز ۽ ڪروز جهاز ۾ ٽڪر، 32 زخمي

حادثي کان پوءِ ڪروز شپ هڪ پاسي جهڪي ويو. ڪروز شپ ۾ 120 کان وڌيڪ ماڻهو سوار هئا

مسيسپي درياءَ تي حادثي واري هنڌ جي ويجهو شپنگ ٽريفڪ معطل ڪئي وئي آهي

واشنگٽن(م د) آمريڪي شهر نيو اورلينز ۾ هڪ ڪارگو جهاز ۽ هڪ ڪروز جهاز ۾ ٽڪر ٿي پيو. آمريڪي ميڊيا جي رپورٽن موجب حادثي کان پوءِ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اٽلي جي ڇوڪري پاڪستاني نوجوان جي محبت ۾ جهلم پهچي وئي

جهلم(م د) اٽليءَ سان تعلق رکندڙ جيسمين نالي ڇوڪري پاڪستاني نوجوان سان شادي ڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

لاهور: صدر آصف علي زرداري سان وزيراعظم شهباز شريف ملاقات ڪري رهيو آهي

آبنائي هرمز ۾ هڪ ٻيو آئل ٽينڪر بارودي سرنگ جو شڪار، باهه لڳي وئي: ايراني بحريه

آئل ٽينڪر ڇنڇر جي صبح پنهنجو ٽريڪنگ ۽ سڃاڻپ وارو نظام بند ڪري آبنائي هرمز مان گذرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو

ٻن ٻين آئل ٽينڪرن جي ساموندي بارودي سرنگن سان ٽڪرائجڻ ۽ انهن ۾ ڌماڪن ڪانپوءِ باهه لڳڻ جي دعويٰ ڪئي هئي

ٻنهي جهازن پنهنجا ريڊار ۽ هنڌ معلوم ڪرڻ وارا نظام بند ڪري غيرمجاز ساموندي رستي تان آبنائي هرمز پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي

تهران(م د) آبنائي هرمز جي اوپرئين حصي ۾ هڪ ٻيو آئل ٽينڪر ساموندي بارودي سرنگ سان ٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

ذيابيطس جي بيماري کان بچاءُ، وقت سر تشخيص ۽ صحتمند طرز زندگي کي قومي ترجيح بڻائين: صدر زرداري

ان بابت عوامي آگاهي جو پيغام پورو سال ملڪ جي هر طبقي ۽ هر ڪميونٽي تائين پهچڻ گهرجي

وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون، طبي ماهر، تعليمي ادارا، ميڊيا ۽ سول سوسائٽي ان سلسلي ۾ اردو ۽ علائقائي زبانن ۾ ٺوس آگاهي مهمن جو انعقاد ڪن

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري سمورن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

پي ٽي آءِ ۾ ڪو به گروپ بندي ناهي، نظم و ضبط جو فقدان آهي: شوڪت يوسفزئي

پارٽي قيادت جي هڪ ٻئي خلاف بيان بازي تي ڪيس تمام گهڻو ڌڪ ٿيو آهي

لاهور(م د) پاڪستان تحريڪ انصاف خيبرپختونخواهه جي اطلاعات سيڪريٽري شوڪت يوسفزئي چيو آهي ته تحريڪ انصاف ۾ گروپ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

صوبن جي معاملن ۾ انتظامي تبديلي بابت فيصلا سياسي پارٽين ۽ لاڳاپيل صوبائي اسيمبلين ذريعي ٿيڻ گهرجن: نثار کهڙو

هن ڀيري پارٽي قيادت فيصلو ڪيو آهي ته هر ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ يومِ تاسيس جون تقريبون منعقد ڪيون وينديون

ملڪ ۾ جمهوريت جي بقا لاءِ جدوجهد ڪندي پارٽي پنهنجي منشور تي عملدرآمد جا عملي ثبوت پڻ ڏنا آهن

حيدرآباد (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو چيو آهي ته حيدرآباد سنڌ جو دل آهي./ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

حيدرآباد: پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو پريس ڪانفرنس ڪندي

لاهور: پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر سان پ پ اڳواڻ امتياز صفدر ملاقات ڪندي

اتر وزيرستان آپريشن، 16 خارجي مارجي ويا، پاڪ فوج جا 2 جوان شهيد

خيبرپختونخوا جي ضلعي اتر وزيرستان جي علائقن مير علي، دته خيل ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروايون ڪيون ويون

گذريل 12 ڪلاڪن دوران علي خيل ۾ 12 خوارج مارجي ويا، جن ۾ 2 افغان شهري پڻ شامل آهن، مير علي ۽ دته خيل ۾ 2_2 خوارج کي ماريو ويو

ڪارروائين دوران پاڪ فوج جا ٻه بهادر جوان حوالدار عصمت علي، عمر 43 سال، رهواسي ضلع صوابي ۽ نائڪ آفتاب علي، عمر 32 سال، رهواسي ضلع مردان بهادريءَ سان مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويا

راولپنڊي (م د) اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي مختلف ڪارروائين جي دوران 16 خوارج مارجي ويا جڏهن ته 2 بهادر جوانن شهادت ماڻي. آءِ ايس پي آر موجب خيبر پختونخوا جي ضلعي اتر وزيرستان جي علائقن مير علي، دته خيل ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران انٽيليجنس بنيادن تي ڪارروايون ڪيون/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

آفريدي ۽ سواتي سميت 9 اڳواڻن جي حراست آئيني عدالت ۾ چئلينج

محمود خان اڇڪزئي ۽ راجا ناصر عباس طرفان ايڊووڪيٽ معظم بٽ جي ذريعي وفاقي آئيني عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي وئي

جنهن ۾ سمورن گرفتار چونڊيل نمائندن جي فوري آزادي ۽ انهن کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي استدعا ڪئي وئي

چونڊيل عوامي نمائندن کي حراست ۾ رکڻ عوامي مينڊيٽ کي غير موثر بڻائڻ جي برابر آهي

اسلام آباد (بيورو) سهيل آفريدي، بابر سليم سواتي سميت 9 اسيمبلي ميمبرن جي گرفتاري ۽ حراست کي وفاقي آئيني عدالت ۾ چيلينج ڪيو ويو آهي. محمود خان اڇڪزئي ۽ راجا ناصر عباس طرفان ايڊووڪيٽ معظم بٽ جي ذريعي وفاقي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

لاهور: امير جماعت اسلامي حافظ نعيم الرحمان لاهور ۾ تقريب کي خطاب ڪندي

پاڪستان ۾ پيٽرول تي تاريخ جي سڀني کان وڌيڪ ليوي وصول ڪرڻ جو انڪشاف

گهٽ آمدني ۽ ڳرين بجلي جي بلز جي ستايل شهرين تي پيٽروليم ليوي جي مد ۾ به ڳرو مالي بار برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي

پهرين ٽه ماهي (يعني جولاءِ کان سيپٽمبر 2026) جي دوران حڪومت پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 381 ارب 82 ڪروڙ روپيه وصول ڪيا

گذريل سال جي انهي وقت جي مقابلي ۾ پيٽروليم ليوي جي وصولي ۾ 10 ارب 21 ڪروڙ روپين جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن مالي سال جي شروعاتي ٽن مهينن جي دوران پيٽرول ليوي جي رڪارڊ وصولي سامهون آئي آهي. اقتصادي ماهرن جو چوڻ آهي ته اهڙن انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته مهانگائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ڀينرن جي آزادي ڪانپوءِ پردي پٺيان وارا رابطا تيز

بشريٰ بي بي کي رليف تي غور، 2 بنيادي معاملن تي ڳالهين جي گنجائش ناهي!

عمران خان ۽ خيبرپختونخوا ۾ پي ٽي آءِ جي حڪومت بابت 2 اهم سياسي معاملن تي عملي طور ڳالهه ٻولهه نه ٿيندي

اسلام آباد (بيورو) پي ٽي آءِ ۽ اختيارين وچ ۾ پردي پٺيان رابطن جو سلسلو جاري آهي. جنهن جي نتيجي ۾ تازو عمران خان جون 2 ڀينرون آزاد ٿيون /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

بنون ۾ پوليس چوڪي تي دهشتگردن جو حملو ناڪام، جوابي ڪارروائي ۾ 4 خوارج مارجي ويا

وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ آءِ جي خيبرپختونخواهه پوليس ۽ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي جي تعريف ڪئي آهي

فتنته الخوارج جي دهشتگردن گذريل رات چوڪي ڪنگرپل تي بزدلاڻو حملو ڪيو، پر پوليس اهلڪارن دفاعي حڪمت عملي جي تحت موثر جواب ڏنو

دستن جي ڪمڪ، ڪوئڪ رسپانس فورس ۽ سي ٽي ڊي واقعي واري هنڌ پهچي ڪليئرنس آپريشن ڪيو

پشاور (م د) بنون ۾ ڪنگر پل پوليس چوڪي تي فتنته الخوارج جو حملو ناڪام بنايو ويو، جنهن ۾ پوليس جي وقت تي ڪارروائي ۾ 4 خوارج مارجي ويا. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ آءِ جي خيبرپختونخواهه پوليس ۽ سي ٽي ڊي جي ڪارروائي جي تعريف ڪئي آهي. فتنته الخوارج جي دهشتگردن گذريل رات چوڪي ڪنگر پل تي بزدلاڻو حملو ڪيو. پر پوليس اهلڪار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

دهشتگرد پارٽي جو الزام: مرڪزي مسلم ليگ مريم نواز کي قانوني نوٽيس اماڻي ڇڏيو، معافي جو مطالبو

پنجاب جي وزيراعليٰ کان 7 ڏينهن جي اندر معافي گهرڻ، سوشل ميڊيا تي پوسٽون ختم ڪرڻ ۽ آئنده اهڙن الزامن کان پاسو ڪرڻ جو مطالبو

7 ڏينهن ۾ لڳايل الزامن تي معافي گهري ۽ ايڪس سميت سوشل ميڊيا تان بي بنياد الزامن واريون پوسٽون ڊليٽ ڪريو

مريم نواز لکت ۾ يقين ڏهاني ڪرائي ته آئنده اهڙي نوعيت جا توهين جوڳا الزام ٻيهر نه ورجايا وڃن نه شايع ڪيا وڃن

لاهور (م د) مرڪزي مسلم ليگ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز کي پارٽي جي خلاف بي بنياد الزام لڳائڻ تي قانوني نوٽيس اماڻي ڇڏيو آهي، پارٽي طرفان اماڻيل قانوني نوٽيس ۾ پنجاب جي وزيراعليٰ کان 7 ڏينهن جي اندر معافي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

آئل فيلڊ جي زير زمين سپلاءِ لائن مان ڪروڙين رپين جي خام تيل جي چوري جي الزام ۾ جوابدار گرفتار

ڏوهه لاءِ مين لائين جي ويجهو هڪ گهر ڪرائي تي ورتو ويو هو

جتي هڪ زير زمين سرنگ ذريعي 181 فوٽ ڊگهو پائپ وڇايو ويو هو

راولپنڊي(م د) راولپنڊي جي ڌميال ٿاڻي جي علائقي رنيال ۾ هڪ آئل فيلڊ جي زير زمين سپلاءِ لائن مان ڪروڙين رپين جي خام تيل جي چوري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

نوان صوبا ٺاهڻ نه غير آئيني آهي ۽ نئي غير قانوني: مصطفيٰ ڪمال

نوان صوبا ٺاهڻ غير آئيني يا غير قانوني ناهي، جڏهن ڪراچي کي اختيار ڏنا ويندا ته هي شهر ملڪ کي ترقي ڏيندو

نوان صوبا ٺاهڻ غير آئيني يا غير قانوني ناهي، جڏهن ڪراچي کي اختيار ڏنا ويندا ته هي شهر ملڪ کي ترقي ڏيندو

18 هين ترميم کان پوءِ صوبن 17 سالن ۾ فنڊ نه ڏنا آهن، نوان ننڍا صوبا ٺهڻ ناگزير آهي

جڏهن ڪراچي کي اختيار ملندا ته هي شهر ملڪ کي ترقي ڏيندو، هي شهر پاڪستان کي معاشي بحران جي دلدل مان ڪڍي سگهي ٿو

ڪراچي(رپورٽر) وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته نوان صوبا ٺاهڻ غير آئيني يا غير قانوني ناهي، جڏهن ڪراچي کي اختيار ڏنا ويندا ته هي شهر ملڪ کي ترقي ڏيندو. مصطفيٰ ڪمال ڪراچي ۾ الائيڊ هيلٿ پروفيشنلز ڪائونس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

خيبرپختونخواهه ۾ سون جي کاڻن جون سموريون سرگرميون معطل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي: فيصل ڪريم ڪنڊي

هر مهيني تقريبن 90 ڪلو گرام سون کڍيو پئي ويو انهي غيرقانوني ڪاروبار مان حاصل ٿيل وڏي رقم جو وڏو حصو افغانستان منتقل ڪيو ويندو هو

خيبرپختونخواهه جي گورنر چيو ته غيرقانوني کاڻين ۾ ملوث ماڻهن جي خلاف زيرو ٽالرينس ٿيندي

صوبي ۾ سون جي کاڻن جون سموريون ليزون ملتوي ڪيون پيون وڃن، سموريون سرگرميون فوري طور تي معطل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ليز هولڊر ۽ ٺيڪيدار هڪ هفتي جي اندر لاڳاپيل علائقن مان پنهنجون ڳريون مشينريون هٽائي ڇڏيون

پشاور (م د) خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي صوبي ۾ سون جي کاڻن جون سموريون سرگرميون فوري طور تي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. پشاور ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي فيصل ڪريم ڪنڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

سون في تولو 700 رپيا سستو، قيمت 4 لک 10 هزار 936 رپيا ٿي وئي

اسلام آباد(بيورو) ملڪ ۾ سون جي في تولي قيمت ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي. آل پا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

پشاور: گورنر ڪي پي ڪي فيصل ڪريم ڪنڊي پريس ڪانفرنس ڪندي

ٻڪرين جي چوري تان تڪرار، فائرنگ ۾ 2 ڄڻا قتل

نوشهرو(رپورٽر) نوشهري جي علائقي نظام پور ۾ ٻڪرين جي چوري تان ٿيل تڪرار دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 ڄڻا قتل ٿي ويا. پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

مير رضا ڪيس ۾ گلستان جوهر ٿاڻي جو اڳوڻو ايس ايڇ او برطرف

نوجوان ڪاروباري شخصيت مير رضا علي جو لاش 29 جولاءِ تي گلستان جوهر مان مليو هو

شروعاتي طور واقعي کي خودڪشي قرار ڏيڻ تي شڪ شبها ظاهر ٿيڻ کان پوءِ سنڌ حڪومت جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن قائم ڪيو هو

ڪراچي(رپورٽر) ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان موجب، مير رضا بابت جوڊيشل ڪميشن جي رپورٽ ۾ ڪامران قريشي تي الزام لڳايا ويا هئا. متس الزام /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

اينڪر رابعه قتل ڪيس: مقتوله جي مڙس جي جسماني رمانڊ ۾ 4 ڏينهن جي واڌ

راولپنڊي(م د) اينڪر رابعه قتل ڪيس ۾ عدالت مقتوله جي مڙس، ملزم احسن طاهر جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ڪراچي: وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال تقريب کي خطاب ڪندي

آمريڪا ۾ هوائي ٽريفڪ ڪنٽرول پاران اڏامون بحال افرا تفري برقرار

جنهن کان پوءِ آمريڪي هوائي اڏن تي پيدا ٿيل افراتفري ۾ ڪجهه گهٽتائي آئي

هوائي ٽريفڪ ڪنٽرول مرڪزن ۾ رابطن جي نظام ۾ خرابي سبب اها صورتحال پيدا ٿي هئي

واشنگٽن(م د) آمريڪا جي فيڊرل ايوئيشن ايڊمنسٽريشن (FAA) سڄي ملڪ ۾ اڏامون روڪڻ جو حڪم ختم ڪري ڇڏيو، جنهن کان پوءِ آم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڀارت: آسام ۾ خوفناڪ ٽريفڪ حادثو، 26 ماڻهو فوت

دهلي(م د) ڀارتي رياست آسام ۾ هڪ مني بس ۽ ٽرڪ جي وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر ۾ گهٽ ۾ گ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

احتياطي تدبيرون ۽ وقت سر علاج عوامي صحت جي حفاظت لاءِ تمام ضروري آهن: يوسف رضا گيلاني

وقت سر سڃاڻپ ۽ معياري طبي سهولتن تائين رسائي يقيني بڻائڻ جي ضرورت آهي: يوسف رضا گيلاني

ذيابيطس هڪ وڏو عوامي صحت جي چئلينج جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي

اسلام آباد (بيورو) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني ذيابيطس جي مرض سان اثرائتي نموني سان منهن ڏيڻ لاءِ عوامي آگاهي، وقت سر سڃاڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

ٽرمپ هن وقت ايران خلاف وڏي فوجي ڪارروائي ٻيهر شروع ڪرڻ جو خواهشمند ناهي: آمريڪي اخبار

واشنگٽن(م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ اشارو ڏنو آهي ته هو ايران خلاف اقتصادي پابندي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

آئوٽ لڪ ۽ ڪوپائلٽ سميت مائيڪروسافٽ جي سروس 24 ڪلاڪ معطلي کان پوءِ مڪمل بحال

ڪمپني جي مختلف آن لائن سروسز ۾ پيدا ٿيل ٽيڪنيڪي خرابي ختم ڪئي وئي آهي

جنهن کان پوءِ آئوٽ لڪ، ڪوپائلٽ سميت ٻيون ايپليڪيشنون مڪمل طور تي بحال ٿي ويون

نيويارڪ (م د) آئوٽ لڪ ۽ ڪوپائلٽ سميت مائيڪروسافٽ جي سروس 24 ڪلاڪ جي معطلي کان پوءِ مڪمل طور تي بحال ٿي وئي آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

غيرقانوني ڀرتين جو ڪيس: نيب جي طلبي تي اسعد محمود ٻيون ڀيرو نوٽيس اماڻڻ تي به پيش نه ٿيو

نيب اسعد محمود کي 10 نومبر تي پيش نه ٿيڻ تي 13 نومبر تي ٻيهر طلب ڪيو هو

اسعد محمود لکت ۾ جواب جمع ڪرايو هو جنهن کي نيب اڻپورو ۽ غير تسلي بخش قرار ڏنو هو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان پوسٽ ۾ غيرقانوني ڀرتين جي ڪيس ۾ قومي احتساب بيورو(نيب) جي طلب ڪرڻ تي اڳوڻو وفاقي وزير ۽ جم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

سلمان اڪرم راجا پاران وڪيلن جي پي ٽي آءِ باني سان جيل ۾ ملاقات تي شڪ جو اظهار

اسلام آباد(بيورو) پي ٽي آءِ جي سيڪريٽري جنرل سلمان اڪرم راجا وڪيلن جي پي ٽي آءِ جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

نيتن ياهو طرفان ايران جنگ شروع ڪرڻ لاءِ آمريڪي صدر ٽرمپ تي دٻاءُ، موساد سربراهه جون واشنگٽن ۾ اهم ملاقاتون

رومن گوفمين واشنگٽن ۾ آمريڪي سينٽرل انٽيليجنس ايجنسي (سي آئي اي) جي ڊائريڪٽر جان رينڪلف سان ملاقات

اميد آهي ته اهو وائيٽ هائوس جي خاص نمائندي اسٽيووٽڪوف سان ملاقات جي لاءِ ميامي به ويندو

موساد، سي آئي اي ۽ وائيٽ هائوس انهي دوري ۽ گڏيل ملاقاتن تي ڳالهائڻ کان انڪار ڪيو آهي

واشنگٽن (م د) اسرائيلي وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو طرفان ايران خلاف جنگ ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ تي دٻاءُ وجهڻ جي اطلاعن دوران اسرائيلي ڳجهي ايجنسي موساد جي سربراهه رومن گوفمين آمريڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35


نوابشاهه: سيڪريٽري اوقاف آغا فاخر حسين سخي جام داتار جي مزار تي حاضري ڀري رهيو آهي

سکر: بس ٽرمينل ڀرسان ڊاٽسن جو رڪشا کي ٽڪر، ٻه پورهيت فوت 5 ڄڻا زخمي

5 ڄڻن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن زخمين ۾ صداقت ميراڻي، جهانزيب ميراڻي، شفقت ميراڻي، بلاول ميراڻي، وقاص ميراڻي شامل آهن

واقعي جي اطلاع ملندي ئي امدادي ٽيمون ۽ لاڳاپيل عملو واقعي واري هنڌ پهچي ويا جتي فوتين جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

جيڪي پورهيت هئا زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي حادثي جي سببن بابت وڌيڪ تفصيل سامهون نه اچي سگهيا آهن

سکر (رپورٽر) سکر بس ٽرمينل ڀرسان تيز رفتار ڊاٽسن ۽ رڪشا وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ چڪ واسي پورهيت عاطف ميراڻي ۽ نثار ميراڻي فوت ٿي ويا جڏهن ته 5 ڄڻن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن زخمين ۾ صداقت ميراڻي، جهانزيب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
آچر 15 نومبر 2026 ع بمطابق 04 جمادي الثاني 1448ھ

عوامي مسئلن تان ڌيان هٽائڻ بدران حل ڏنو وڃي

پاڪستان هن وقت سنگين معاشي ۽ سماجي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. مهانگائي، بجلي ۽ گئس جا وڌندڙ بل، پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لاهه چاڙهه، بيروزگاري ۽ روزمره جي استعمال وارين شين جا وڌندڙ اگهه عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ نون صوبن ٺاهڻ بابت بحث هڪ اهم آئيني ۽ انتظامي معاملو ضرور آهي، پر سوال اهو آهي ته ڇا هن بحث کي عوام جي بنيادي مسئلن کان وڌيڪ اهميت ڏئي ملڪ جي اصل معاشي صورتحال کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي؟

عام ماڻهوءَ لاءِ هن وقت سڀ کان وڏو مسئلو روزگار، کاڌي پيتي جي شين جي خريداري، بجلي ۽ گئس جا بل ادا ڪرڻ ۽ گهر جو خرچ پورو ڪرڻ آهي. جڏهن هڪ نان جي قيمت 30 رپين تائين پهچي وڃي، اٽي، کنڊ، گيهه، ڀاڄين ۽ ٻين ضرورتن جا اگهه وڌن ۽ آمدني ساڳي جاءِ تي بيٺل هجي ته غريب ۽ وچولي طبقي لاءِ زندگي گذارڻ هڪ وڏو امتحان بڻجي وڃي ٿو. عوام کي رڳو اعلانن، بيانن ۽ سياسي بحثن جي نه، پر اهڙن عملي قدمن جي ضرورت آهي، جن سان سندس روزاني زندگيءَ ۾ حقيقي آساني پيدا ٿئي.

اسٽيٽ بئنڪ جي آڪٽوبر 2026 ع واري مهانگائي رپورٽ موجب ملڪ ۾ سالياني مهانگائي جي شرح 9.6 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن ته پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس جي 5 نومبر تي ختم ٿيندڙ هفتي جي رپورٽ ۾ مختصر مدي واري مهانگائي 12.31 سيڪڙو تائين پهتل هئي. اهي انگ اکر ظاهر ڪن ٿا ته قيمتن جو دٻاءُ اڃا به عوام لاءِ وڏو مسئلو آهي. State Bank of Pakistan 1+ اهڙي صورتحال ۾ حڪومت جي ذميواري آهي ته مهانگائيءَ جي انگن اکرن بدران عام ماڻهوءَ جي خريداريءَ جي سگهه ۽ زندگيءَ جي معيار کي به نظر ۾ رکي.

نون صوبن ٺاهڻ بابت تازو بحث به ملڪ جي سياسي منظرنامي جو اهم موضوع بڻيل آهي. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي 12 ۽ 13 نومبر تي نون انتظامي يونٽن بابت عوامي راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ ريفرنڊم جي تجويز ڏني، جڏهن ته ٻين حڪومتي اڳواڻن به انتظامي ڍانچي ۾ تبديليءَ بابت پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن. Dawn 1+ انتظامي سڌارن، اختيارن جي ورڇ ۽ عوام تائين سهولتون پهچائڻ تي بحث ٿيڻ گهرجي، پر اهو بحث ڪنهن به صورت ۾ عوام جي معاشي تڪليفن کان ڌيان هٽائڻ جو سبب نه بڻجڻ گهرجي. عوام ۾ اهو تاثر پيدا ٿيڻ فطري آهي ته جڏهن روزگار، مهانگائي، بجلي ۽ گئس جا مسئلا حل نٿا ٿين ته سياسي بحثن ۾ نوان موضوع سامهون آندا وڃن ٿا. تنهن هوندي به ڪنهن به سياسي بحث کي رڳو ڌيان هٽائڻ جي سازش قرار ڏيڻ بدران حڪومت کان ان جي ترجيحن ۽ عملي ڪارڪردگيءَ بابت جواب طلب ڪرڻ وڌيڪ ضروري آهي.

سنڌ جي حوالي سان نون صوبن جو معاملو رڳو انتظامي حدبندين جو سوال ناهي. پر تاريخ، سڃاڻپ، آئيني حقن ۽ صوبائي خودمختياريءَ سان به لاڳاپيل آهي. سنڌ جي وحدت بابت عوامي خدشن کي نظرانداز ڪري ڪو به فيصلو ڪرڻ وفاقي اعتماد کي نقصان پهچائي سگهي ٿو. ملڪ جي آئين ۾ نئين صوبي جي قيام لاءِ واضح طريقيڪار موجود آهي، جنهن ۾ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جي منظوري ۽ پارليامينٽ ۾ گهربل اڪثريت اهم شرط آهن. Dawn تنهن ڪري اهڙي حساس معاملي تي ڪنهن به اڳڀرائي کان اڳ ڪليل بحث، سياسي اتفاق ۽ عوامي اعتماد ضروري آهي. انتظامي بهتريءَ لاءِ نوان صوبا ئي واحد رستو ناهن؛ بااختيار مقامي حڪومتون، مضبوط ضلعي انتظاميا ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ به عوام جا ڪيترائي مسئلا حل ڪري سگهن ٿيون.

ٻئي پاسي مارڪيٽن ۾ ضروري شين جا اگهه ضابطي ۾ رکڻ حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي. جيڪڏهن دڪاندار پنهنجي مرضيءَ سان اگهه مقرر ڪندا رهن، سرڪاري اگهن جي فهرستن تي عمل نه ٿئي ۽ ذخيره اندوزي توڙي ناجائز منافعي خوريءَ خلاف اثرائتي ڪارروائي نه ٿئي ته مهانگائيءَ جو بار سڌو سنئون غريب جي ڪلهن تي پوندو. انتظاميا، پرائس ڪنٽرول ڪميٽين ۽ لاڳاپيل ادارن کي رڳو ڪاغذي ڪارروائين بدران مارڪيٽن ۾ عملي نگراني ڪرڻي پوندي. نان، اٽي، کير، گيهه، ڀاڄين ۽ ٻين بنيادي شين جا اگهه عام ماڻهوءَ جي پهچ ۾ رکڻ لاءِ واضح ۽ مستقل حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي.

بجلي ۽ گئس جا وڌندڙ بل به گهرن جي بجيٽ کي سخت متاثر ڪري رهيا آهن. پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سان ٽرانسپورٽ، کاڌي پيتي جي شين ۽ ٻين خدمتن جا خرچ وڌن ٿا، جنهن جو بار آخرڪار صارف تي پوي ٿو. حڪومت کي توانائيءَ جي شعبي ۾ اهڙا سڌارا آڻڻ گهرجن، جن سان عام واهپيدار کي رليف ملي. بجلي ۽ گئس جي فراهمي بهتر ٿئي ۽ بلن ۾ غيرضروري بار گهٽجي. رڳو سبسڊيءَ جا اعلان يا عارضي رليف ڪافي ناهن؛ مستقل حل لاءِ خرچن، ٽيڪسن، ورڇ واري نظام ۽ انتظامي نااهليءَ جو جائزو وٺڻ ضروري آهي.

ملڪ ۾ قانون جي بالادستيءَ بابت به عوام جا سوال وڌي رهيا آهن. جيڪڏهن قانون جو سخت استعمال رڳو غريب، پورهيت ۽ ڪمزور طبقي خلاف نظر اچي، جڏهن ته بااثر ۽ امير ماڻهو قانوني جوابدهيءَ کان بچي وڃن، ته انصاف تي اعتماد ڪمزور ٿيندو. قانون سڀني لاءِ هڪجهڙو هجڻ گهرجي. ڪنهن جي دولت، عهدي يا سياسي اثر رسوخ جي بنياد تي انصاف جا معيار تبديل نه ٿيڻ گهرجن. سرڪاري ادارن جي ذميواري آهي ته شڪايتن تي بنا فرق جي ڪارروائي ڪن ۽ عام شهريءَ کي به اهو احساس ڏيارين ته رياست سندس حقن جي حفاظت ڪري رهي آهي.

اقتدار ۾ شامل سياسي ڌرين ۽ حڪومتي نمائندن کي به سمجهڻ گهرجي ته عوام کي رڳو سياسي بيانن، تقريرن ۽ مستقبل جي منصوبن سان مطمئن نٿو ڪري سگهجي. حڪومت جي ڪاميابيءَ جو اصل معيار اهو آهي ته عام ماڻهوءَ کي روزگار ملي، ٻارن جي تعليم ۽ علاج تائين رسائي آسان ٿئي، بنيادي ضرورتون مناسب اگهن تي دستياب هجن ۽ هر شهريءَ کي بنا خوف جي انصاف ملي. اپوزيشن ۽ حڪومتي ڌرين ٻنهي کي به سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي عوامي مسئلن تي گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي.

اڄ ملڪ کي نون سياسي تڪرارن کان وڌيڪ سنجيده معاشي پاليسين، شفاف حڪمراني، مضبوط ادارن ۽ عوام دوست فيصلن جي ضرورت آهي. نون صوبن بابت بحث پنهنجي آئيني ۽ جمهوري طريقي سان جاري رهي سگهي ٿو، پر ان جي آڙ ۾ مهانگائي، بجلي ۽ گئس جي بلن، بيروزگاري، ناجائز منافعي خوري ۽ انصاف جي اڻبرابريءَ جهڙا مسئلا پسمنظر ۾ نه وڃڻ گهرجن. حڪومت کي اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته سندس ترجيح اقتدار کي برقرار رکڻ نه، پر عوام جي زندگي بهتر بڻائڻ آهي. ڇاڪاڻ ته عوام جي صبر ۽ برداشت جي به هڪ حد هوندي آهي.

امن دشمنن خلاف سيڪيورٽي فورسز جي وڏي ڪاميابي

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي سلامتي، خودمختياري ۽ قومي استحڪام جو معاملو هميشه پوري قوم لاءِ انتهائي اهميت وارو رهيو آهي. هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن ملڪ جي مختلف علائقن ۾ دهشتگردي جا خطرا موجود آهن، تڏهن خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران ڪيل تازيون ڪارروايون هڪ اهم اڳڀرائي طور سامهون آيون آهن. پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز مختلف ڳجهن اطلاعن جي بنياد تي ڪارروايون ڪندي مجموعي طور 74 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آهي. اهي ڪارروايون ان عزم جو اظهار آهن ته پاڪستان پنهنجي سرزمين تي امن امان قائم رکڻ ۽ شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو.

پاڪ فوج جي شعبي تعلقات عامه آءِ ايس پي آر موجب خيبرپختونخوا جي علائقي ميرعلي ۾ گذريل 48 ڪلاڪن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ 35 دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته ضلعي اورڪزئي ۾ وڌيڪ 8 دهشتگردن کي ختم ڪيو ويو. اهڙي طرح خيبرپختونخوا ۾ مجموعي طور 43 دهشتگرد مارجي ويا. ٻئي پاسي بلوچستان ۾ 3 نومبر کان جاري ڳجهن اطلاعن جي بنياد تي ڪيل ڪارروايون دوران وڌيڪ 31 دهشتگرد مارجي ويا. اهڙي طرح ٻنهي صوبن ۾ مارجي ويل دهشتگردن جو مجموعي انگ 74 ٿي ويو. سيڪيورٽي فورسز انهن ڪارروايون دوران وڏي مقدار ۾ هٿيار، گولا بارود، پاٽمرادو تيار ڪيل ڌماڪيدار مادو ۽ بارودي اوزار پڻ هٿ ڪيا.

هي ڪاميابي رڳو ڪنهن فوجي ڪارروائي جي خبر ناهي، پر پاڪستان کي درپيش دهشتگردي جي خطري جي سنگيني جي ياد ڏياريندڙ پڻ آهي. دهشتگردي ڪنهن هڪ شهر، صوبي يا علائقي جو مسئلو ناهي، پر سڄي ملڪ جي امن، ترقي ۽ مستقبل سان لاڳاپيل معاملو آهي. جڏهن ڪنهن علائقي ۾ دهشتگردي جو واقعو پيش اچي ٿو ته ان جا اثر رڳو متاثر خاندان تائين محدود نٿا رهن، پر سڄو معاشرو خوف ۽ بي يقيني جو شڪار ٿي وڃي ٿو. ڪاروباري سرگرميون متاثر ٿين ٿيون، تعليمي ادارن ۾ خوف جي فضا پيدا ٿئي ٿي ۽ عام ماڻهو پنهنجي روزاني زندگي ۾ عدم تحفظ محسوس ڪرڻ لڳن ٿا.

پاڪستان گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان دهشتگردي خلاف هڪ ڊگهي ۽ ڏکئي جنگ وڙهي رهيو آهي. هن جنگ دوران هٿياربند فوجن، پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ عام شهرين بي شمار قربانيون ڏنيون آهن. اهڙا ڪيترائي خاندان آهن، جن پنهنجي پيارن کي وطن جي امن خاطر قربان ڪيو. ڪنهن ماءُ پنهنجو پٽ وڃايو، ڪنهن ٻار پنهنجي پيءُ کي وڃايو ۽ ڪنهن گهر جو اڪيلو ڪمائيندڙ دهشتگردي جو شڪار بڻجي ويو. اهي قربانيون ڪڏهن به وساري نٿيون سگهجن. انهن قربانين جي نتيجي ۾ ئي اڄ پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ امن جي بحالي لاءِ مسلسل ڪوششون جاري آهن.

خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان پاڪستان جا اهم صوبا آهن. انهن ٻنهي صوبن جي جاگرافيائي ۽ سرحدي اهميت پڻ غيرمعمولي آهي. انهن علائقن ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سيڪيورٽي ادارن کي ڪيترن ئي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ڏکيا جبلائي علائقا، سرحدي رستا ۽ دهشتگرد گروهن جا ڳجها ٺڪاڻا ڪارروايون کي وڌيڪ پيچيده بڻائين ٿا. اهڙين حالتن ۾ ڳجهن اطلاعن جي بنياد تي ڪارروايون انتهائي اهميت رکن ٿيون. تازين ڪارروايون ۾ ڪيترن ئي ٺاڪن کي نشانو بڻايو ويو ۽ هٿيارن توڙي ڌماڪيدار مواد جي هٿ اچڻ سان دهشتگرد نيٽ ورڪن جي وسيلن کي نقصان پهچائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز جي ذميواري رڳو دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪرڻ تائين محدود ناهي، پر ملڪ جي شهرين کي محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ پڻ آهي. ان مقصد لاءِ ضروري آهي ته دهشتگردي خلاف جاري جدوجهد ۾ جديد ٽيڪنالاجي، مضبوط ڳجهي ڄاڻ واري نظام ۽ مختلف قانون لاڳو ڪندڙ ادارن وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي. دهشتگرد تنظيمن جا مالي وسيلا، هٿيارن جي فراهمي، سهولتڪاري ۽ نون ماڻهن کي ڀرتي ڪرڻ واري نظام کي پڻ ختم ڪرڻو پوندو. جيستائين انهن تنظيمن جا وسيلا ۽ مددگار نيٽ ورڪ موجود رهندا، تيستائين دهشتگردي جا خطرا مڪمل طور ختم ڪرڻ ڏکيا رهندا.

هن جنگ ۾ بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا جي عوام جو ڪردار پڻ انتهائي اهم آهي. انهن علائقن جي ماڻهن بدامني سبب ڊگهي عرصي تائين ڏکيائين کي منهن ڏنو آهي. سندن ڪاروبار متاثر ٿيا، تعليمي سرگرمين ۾ رڪاوٽون پيدا ٿيون ۽ ڪيترائي خاندان پنهنجا گهر ڇڏي ٻين علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿيا. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن علائقن ۾ امن سان گڏ ترقي جا دروازا پڻ کوليا وڃن. نوجوانن کي تعليم، روزگار، صحت ۽ بهتر مستقبل جا موقعا فراهم ڪيا وڃن، ڇو ته هڪ مضبوط ۽ خوشحال معاشرو دهشتگردي جي نظرين ۽ نفرت واري پروپيگنڊا جو وڌيڪ اثرائتو مقابلو ڪري سگهي ٿو.

اهو پڻ ضروري آهي ته دهشتگردي خلاف ڪارروايون سان گڏ متاثر علائقن ۾ عوام جو اعتماد مضبوط بڻايو وڃي. رياستي ادارن ۽ مقامي آبادي وچ ۾ سهڪار ۽ اعتماد جي فضا قائم ٿيڻ گهرجي. شهرين کي اهو يقين هئڻ گهرجي ته سندن جان، مال، عزت ۽ بنيادي حقن جو تحفظ رياست جي پهرين ترجيح آهي. قانون جي بالادستي ۽ انصاف جي فراهمي سان ئي عوام ۽ رياست وچ ۾ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿي سگهن ٿا.

پاڪستان کي دهشتگردي جي معاملي تي عالمي سطح تي پڻ پنهنجو موقف اثرائتي نموني پيش ڪرڻو پوندو. پاڪستاني اختيارين مختلف موقعن تي دهشتگرد تنظيمن کي ٻاهرين مدد ملڻ جا الزام لڳائيندا رهيا آهن، جڏهن ته لاڳاپيل ملڪ انهن الزامن جي ترديد ڪندا آهن. اهڙن معاملن ۾ تصديق ٿيل ثبوتن، سفارتي رابطن ۽ عالمي سهڪار کي اهميت ڏيڻ ضروري آهي. پاڪستان جو مطالبو واضح هئڻ گهرجي ته ڪنهن به ملڪ جي سرزمين ٻئي ملڪ خلاف دهشتگردي لاءِ استعمال نه ٿيڻ گهرجي. خطي ۾ پائيدار امن تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن سڀ ملڪ هڪ ٻئي جي خودمختياري ۽ سلامتي جو احترام ڪن.

وزيراعظم شهباز شريف سميت قومي قيادت پڻ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروايون کي ساراهيو آهي. قومي قيادت پاران جوانن جي حوصلا افزائي اهم آهي، پر ان سان گڏ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ عملي قدمن کي پڻ مسلسل اڳتي وڌائڻو پوندو. قومي ايڪشن پلان تي اثرائتي عملداري، دهشتگردن جي مالي وسيلن جي روڪٿام، سرحدن جي نگراني ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي صلاحيتن ۾ واڌ وقت جي اهم ضرورت آهي. پاڪستان جون هٿياربند فوجون، پوليس ۽ ٻيا سيڪيورٽي ادارا ملڪ جي بچاءَ ۽ عوام جي تحفظ لاءِ پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيا آهن. انهن جي قربانين کي خراج تحسين پيش ڪرڻ سڄي قوم جي ذميواري آهي. تنهن هوندي به دهشتگردي خلاف جنگ کي رڳو سيڪيورٽي ادارن تائين محدود نٿو رکي سگهجي. هن جدوجهد ۾ حڪومت، سياسي قيادت، تعليمي ادارن، صحافتي ذريعن، سماجي اڳواڻن ۽ عام شهرين سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. قومي اتحاد ۽ يڪجهتي ئي اها طاقت آهي، جيڪا پاڪستان کي ڏکين حالتن مان ڪڍي سگهي ٿي. 74 دهشتگردن جو مارجي وڃڻ يقيناً هڪ اهم اڳڀرائي آهي، پر اصل ڪاميابي ان ڏينهن هوندي، جڏهن ملڪ جي ڪنهن به علائقي ۾ دهشتگردي جو خوف باقي نه رهندو. جڏهن خيبرپختونخوا جو شهري، بلوچستان جو نوجوان، سنڌ جو هاري ۽ پنجاب جو مزدور بنا ڪنهن خوف جي پنهنجي زندگي گذاري سگهندو. جڏهن ٻار محفوظ ماحول ۾ تعليم حاصل ڪندا ۽ واپاري اطمينان سان پنهنجو ڪاروبار ڪري سگهندا، تڏهن پاڪستان امن ۽ استحڪام جي حقيقي منزل ڏانهن وڌي سگهندو. اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته دهشتگردي خلاف جاري جدوجهد کي مضبوط قومي حڪمت عملي سان اڳتي وڌايو وڃي. سيڪيورٽي فورسز جي ڪاميابين کي پائيدار امن ۾ تبديل ڪيو وڃي، عوام جا مسئلا حل ڪيا وڃن ۽ ملڪ دشمن عنصرن لاءِ قانون موجب ڪا به گنجائش نه ڇڏي وڃي. پاڪستان جو مستقبل امن، ترقي، اتحاد ۽ استحڪام سان جڙيل آهي. دهشتگردي خلاف جنگ ۾ ڪاميابي رڳو دهشتگردن جي خاتمي سان نه، پر هڪ اهڙي محفوظ پاڪستان جي تعمير سان حاصل ٿيندي، جتي هر شهري پاڻ کي محفوظ، باعزت ۽ مطمئن محسوس ڪري. اها ئي اسان جي قومي منزل ۽ انهن سمورين قربانين جو اصل مقصد آهي.

وقت جو وهڪرو

رفيق احمد سومرو

وقت هڪ اهڙو بي آواز مسافر آهي، جيڪو ڪنهن جي انتظار ۾ نٿو بيهي ۽ نه ئي ڪنهن جي خواهش تي پنهنجي رفتار تبديل ڪري ٿو. اهو پنهنجي مخصوص رفتار سان اڳتي وڌندو رهي ٿو. ڪڏهن خوشين جا لمحا ڏئي ٿو ته ڪڏهن ڏکن جا داستان ڇڏي وڃي ٿو. وقت جي اها ئي فطرت آهي ته اهو ڪنهن سان به مستقل هڪجهڙو سلوڪ نٿو ڪري، پر هر انسان کي پنهنجي حصي جو تجربو ۽ سبق ضرور ڏئي ٿو.

زندگيءَ جي ڊگهي سفر ۾ وقت سڀ کان وڏو استاد آهي. ڪتابن مان حاصل ڪيل علم انسان کي شعور ڏئي ٿو، پر وقت جا تجربا کيس زندگيءَ جي حقيقتن سان روشناس ڪرائين ٿا. ڪالهه جيڪي ماڻهو اسان جي زندگيءَ جو اهم حصو هئا، اڄ اهي رڳو يادن جي صورت ۾ موجود آهن. ڪالهه جا خواب اڄ حقيقت بڻجي چڪا آهن ۽ اڄ جون خواهشون سڀاڻي ماضيءَ جو حصو بڻجي وينديون. وقت جي وهڪري ۾ ماڻهو، رشتا، موسمون، حالتون ۽ سوچون سڀ تبديل ٿينديون رهن ٿيون. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ زندگيءَ جي جدوجهد، وقت جي گردش ۽ انساني حوصلي کي پنهنجي شاعريءَ ۾ نهايت خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو آهي. سندس فڪر اسان کي سيکاري ٿو ته زندگيءَ جي ڏکين مرحلن ۾ به اميد جو دامن هٿان نه ڇڏجي، ڇاڪاڻ ته هر رات کان پوءِ صبح ضرور طلوع ٿئي ٿي. وقت جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته اهو انسان جي اصل حيثيت ۽ ڪردار کي آهستي آهستي ظاهر ڪري ڇڏي ٿو. ڪي ماڻهو وقت سان گڏ پنهنجو ڪردار وڌيڪ مضبوط ڪن ٿا، جڏهن ته ڪي پنهنجي مفادن جي تبديليءَ سان پنهنجا رنگ بدلائين ٿا. ڪي ڏکين حالتن ۾ به ساٿ نڀائين ٿا ته ڪي خوشحاليءَ جي ڏينهن جا ساٿي هوندي به ڏک جي گهڙيءَ ۾ اجنبي بڻجي وڃن ٿا. حقيقت ۾ وقت رڳو گذري نٿو، پر انسانن جي سڃاڻپ جا پردا به هٽائيندو رهي ٿو. اسان جي زندگيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لمحا اچن ٿا، جڏهن اسان ماضيءَ ڏانهن موٽي وڃڻ چاهيون ٿا. ڪي ڳالهيون ٻيهر چوڻ، ڪي غلطيون درست ڪرڻ، ڪي وڃايل رشتا واپس حاصل ڪرڻ ۽ ڪي رهجي ويل خواب پورا ڪرڻ چاهيون ٿا. پر وقت جي وهڪري ۾ گذريل لمحو ڪڏهن به واپس نٿو اچي. تنهنڪري سياڻپ ان ڳالهه ۾ آهي ته انسان پنهنجي اڄ کي اهڙي نموني گذاري، جو سڀاڻي کيس پنهنجي ڪالهه تي پڇتاءُ نه ٿئي.

وقت ڪنهن جي دولت، عهدي، شهرت يا طاقت کان متاثر نٿو ٿئي. بادشاهه هجن يا فقير، امير هجن يا غريب، سڀئي وقت جي هڪجهڙي وهڪري جا مسافر آهن. فرق رڳو ايترو آهي ته ڪي ماڻهو پنهنجي وقت کي مقصد، محنت، محبت ۽ انسانيت لاءِ استعمال ڪن ٿا، جڏهن ته ڪي حسد، نفرت، انا ۽ بي مقصد مصروفيتن ۾ پنهنجي زندگيءَ جا قيمتي لمحا وڃائي ويهن ٿا. زندگيءَ جو اصل حسن وڏن محلن، دولت جي انبارن ۽ شهرت جي بلندين ۾ نه، پر انهن ننڍڙن لمحن ۾ لڪل آهي، جتي محبت هجي، خلوص هجي، رشتن جو احترام هجي ۽ ڪنهن جي چهري تي خوشي آڻڻ جو جذبو هجي. وقت گذرڻ کان پوءِ انسان جي دولت کان وڌيڪ سندس ڪردار، ڳالهين کان وڌيڪ سندس عمل ۽ شهرت کان وڌيڪ سندس انسانيت ياد رکي ويندي آهي. وقت اسان کي اهو به سيکاري ٿو ته هر ڏک هميشه لاءِ ناهي، هر خوشي مستقل ناهي ۽ هر حالت جي هڪ مقرر مدو هوندو آهي. ڏکين حالتن ۾ مايوس ٿيڻ بدران حوصلو رکڻ ۽ خوشين جي ڏينهن ۾ غرور بدران عاجزي اختيار ڪرڻ ئي زندگيءَ جي اصل سمجهه آهي. ڇاڪاڻ ته وقت جو ڦيٿو ڪڏهن هڪ هنڌ نٿو بيهي؛ اڄ جيڪو عروج تي آهي، سڀاڻي آزمائش ۾ به اچي سگهي ٿو ۽ اڄ جيڪو ڏکيائين ۾ آهي، اهو سڀاڻي ڪاميابيءَ جي منزل به ماڻي سگهي ٿو. اسان کي گهرجي ته وقت جي اهميت کي سمجهون، پنهنجي رشتن کي وقت ڏيون، علم ۽ شعور سان پنهنجو ناتو مضبوط رکون، نفرتن بدران محبتون ورهايون ۽ پنهنجي وجود کي ٻين لاءِ فائديمند بڻايون. خاص طور تي نوجوان نسل کي وقت جي قدر ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اڄ جي محنت ئي سڀاڻي جي ڪاميابيءَ جو بنياد بڻجي ٿي. جيڪو انسان پنهنجي وقت کي سڃاڻي ٿو، اهو پنهنجي زندگيءَ کي به بهتر نموني ترتيب ڏئي سگهي ٿو.

بقايا 01 ***

المي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته پاڪستان ذيابيطس جي عالمي ڏينهن تي عالمي دنيا سان هڪ آواز ٿي سڄي دنيا ۾ پکڙيل ذيابيطس جي روڪٿام جي لاءِ موثر قدمن ۽ گڏيل تعاون جي اهميت تي زور ڏي ٿو. هن چيو ته هن سال هي عالمي ڏينهن "ذيابيطس جي خلاف وقت سر قدم" جي عنوان هيٺ ملهايو پيو وڃي. اهو موضوع به ان ڳالهه جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو ته بيماري جي پيچيدگين کان بچاءَ ۽ قيمتي انساني جانين جي تحفظ جي لاءِ وقت سر اسڪريننگ ۽ طبي مداخلت وقت جي اهم ضرورت آهي. وزيراعظم چيو ته ذيابيطس سڄي دنيا ۾ عوامي صحت جي لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي جنهن سان لکين ماڻهو متاثر ٿي رهيا آهن. پاڪستان ۾ ذيابيطس جو تيزي سان ڦهلاءُ عوامي صحت جو هڪ سنگين مسئلو بڻجندو پيو وڃي. وقت سر اسڪريننگ ۽ تشخيص سان ان مرض جي ممڪن مريضن کي ان مرض ۾ مبتلا ٿيڻ ۽ سنگيني کان بچائي سگهجي ٿو. شهباز شريف چيو ته پرهيز بابت طبي رهنمائي ۽ علاج جي مناسب سهولتن سان مرض جي پيچيدگين ۽ صحت جي سنگين مسئلن کان محفوظ رهي سگهجي ٿو ان ڏس ۾ وزيراعظم ذيابيطس روڪٿام ۽ ڪنٽرول پروگرام جوڙيو ويو آهي. وفاقي حڪومت جي ان پروگرام ۾ 6.8 ارب رقم رکي وئي آهي ته جيئن ذيابيطس کان بچاءَ جي عملي قدمن کي مضبوط ۽ موثر بڻائي سگهجي. ان پروگرام جو مقصد شروعاتي مرحلي ۾ مرض جي تشخيص جي لاءِ اسڪريننگ جو دائرو وسيع ڪرڻ، بنيادي طبي سهولتن کي بهتر بڻائڻ ۽ تشخيص ۽ علاج تائين پهچ ۾ اضافو ڪرڻ آهي. ان ڪانسواءِ انهن قدمن کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي لاءِ صحتمند طرز زندگي جي فروغ، عوامي آگاهي ۽ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ موثر حصيداري عمل کي پڻ ترجيح ڏني پئي وڃي. وزيراعظم چيو ته آئون سمورن شهرين کي پُرزور اپيل ڪريان ٿو ته اهي صحتمند طرز زندگي اختيار ڪن. غذائيت سان ڀرپور متوازن خوراڪ سان گڏوگڏ ورزش کي به پنهنجي معمول جو حصو بڻائين. باقاعدگي سان طبي معائني ۽ اسڪريننگ کي اختيار ڪن ۽ وقت سر معالج کان طبي مشورو حاصل ڪن ته جيئن صحتمند زندگي يقيني بڻائي سگهجي. انفرادي ۽ اجتماعي ڪوشش، موثر پاليسيز ۽ طبي سهولتن ۾ مسلسل سيڙپڪاري جي ذريعي ئي ذيابيطس جي وڌندڙ شرح کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو. اچو پاڪستان جي صحتمند ۽ خوشحال ۽ بيمارين کان پاڪ مستقبل جي لاءِ پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪريون.

بقايا 02 ***

ڪرائجڻ ڪانپوءِ ٻاهر جي ورچڙهي ويو ايراني بحريه دعويٰ ڪئي آهي. ايراني بحريه جي شعبي تعلقاتِ عامه موجب، آئل ٽينڪر چنچر جي صبح پنهنجو ٽريڪنگ ۽ سڃاڻپ وارو نظام بند ڪري آبنائي هرمز مان گذرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو جنهن دوران اهو حادثي جو شڪار ٿيو ان کان اڳ ايران جي پاسداران انقلاب جي بحريه به ٻن ٻين آئل ٽينڪرن جي سامونڊي بارودي سرنگن سان ٽڪرائجڻ ۽ انهن ۾ ڌماڪن ڪانپوءِ باهه لڳڻ جي دعويٰ ڪئي هئي. ايراني سرڪاري ٽي وي موجب، ٻنهي جهازن پنهنجا ريڊار ۽ هنڌ معلوم ڪرڻ وارا نظام بند ڪري غيرمجاز سامونڊي رستي تان آبنائي هرمز پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. بيان ۾ ٻنهي آئل ٽينڪرن جا نالا يا روانگي واري هنڌ بابت تفصيل نه ڏنا ويا، جڏهن ته انهن مان هڪ کي تمام وڏو آئل ٽينڪر قرار ڏنو ويو ٻئي پاسي آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ (سينٽڪام) جو چوڻ آهي ته آبنائي هرمز جي سمورن عالمي سامونڊي رستن تان بارودي سرنگون صاف ڪيون ويون آهن. جڏهن ته ايران جهازن کي نشانو بڻائڻ لاءِ ڊرون ۽ ميزائل استعمال ڪري رهيو آهي. ايران ۽ آمريڪا جا اختياري ڌريون مختلف موقعن تي آبنائي هرمز تي پنهنجو ڪنٽرول برقرار هئڻ جون دعوائون ڪري چڪيون آهن.

بقايا 03 ***

جتي پارٽي جي ڊويزنل اجلاس لاءِ گڏ ٿيا آهيون. پيپلز پارٽي 30 نومبر تي پنهنجو 59هون يوم تاسيس ملهائيندي، جنهن سلسلي ۾ هن ڀيري پارٽي قيادت فيصلو ڪيو آهي ته هر ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ يوم تاسيس جون تقريبون منعقد ڪيون وينديون. حيدرآباد ۾ پي پي اڳواڻ عاجز ڌامراهه سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي نثار کهڙو چيو ته پيپلز پارٽي هميشه جمهوريت ۽ پنهنجي اصولن خاطر قربانيون ڏنيون آهن. ملڪ ۾ جمهوريت جي بقا لاءِ جدوجهد ڪندي پارٽي پنهنجي منشور تي عملدرآمد جا عملي ثبوت پڻ ڏنا آهن. هن چيو ته گذريل ٻن سالن دوران ڏهه لک گهر تعمير ڪري متاثر ماڻهن کي مالڪاڻا حق ڏيڻ پيپلز پارٽي جي منشور تي عمل جو وڏو مثال آهي.

بقايا 04 ***

تمند طرز زندگي کي بيماري ۾ واڌ جو وڏو سبب قرار ڏنو آهي. طبي ماهرن موجب حيدرآباد ۾ هر 5 مان هڪ ماڻهو شگر جي مرض ۾ مبتلا آهي. جڏهن ته احتياط نه ڪرڻ جي صورت ۾ هي بيماري ٻين سنگين بيمارين جو سبب پڻ بڻجي سگهي ٿي. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته شگر صرف انسولين جي گهٽ پيداوار تائين محدود ناهي، پر اها اکين، ٻُڪين ۽ دل جي بيمارين جو سبب پڻ بڻجي سگهي ٿي. ماهرن موجب پاڪستان ۾ 18 سالن کان وڌيڪ عمر جا لڳ ڀڳ 33 ڏهائي 5 سيڪڙو يعني ساڍا 3 ڪروڙ ماڻهو شگر ۾ مبتلا آهن. ماهرن صلاح ڏني آهي ته روزانو گهٽ ۾ گهٽ 30 منٽ پنڌ ڪرڻ، گهر جو کاڌو کائڻ ۽ ٻاهرين کاڌي کان پاسو ڪرڻ کي معمول بڻايو وڃي. واضح رهي ته هر سال 14 نومبر تي ذيابيطس کان بچاءَ جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي. طبي ماهرن جو چوڻ آهي ته احتياط، متوازن خوراڪ ۽ روزاني جسماني سرگرمي سان هن مرض جا خطرا گهٽائي سگهجن ٿا

بقايا 05 ***

، گهٽ آمدني ۽ ڳرن بجلي جي بلن جي ستايل شهرين تي پيٽروليم ليوي جي مد ۾ به ڳرو مالي بار برداشت ڪرڻو پئجي رهيو آهي. نجي ٽي وي جي رپورٽ ۾ سرڪاري دستاويزن جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته هلندڙ مالي سال 2026_27 جي پهرين ٽه ماهي (يعني جولاءِ کان سيپٽمبر 2026) جي دوران حڪومت پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 381 ارب 82 ڪروڙ روپيه وصول ڪيا. دستاويزات ۾ لکيل انگن اکرن موجب گذريل سال جي انهي وقت جي مقابلي ۾ پيٽروليم ليوي جي وصولي ۾ 10 ارب 21 ڪروڙ روپين جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي. اهو اضافو ملڪي تاريخ ۾ ڪنهن به مالي سال جي پهرين ٽن مهينن جي دوران ٿيل وصولين جي مقابلي ۾ هڪ نئون رڪارڊ آهي. ياد رهي ته حڪومت مالي سال 2026_27 جي شروعاتي 2 مهينن جي دوران پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 220 ارب روپيه جمع ڪيا آهن. هلندڙ مالي سال جي لاءِ حڪومت طرفان پيٽروليم ليوي جي مد ۾ گڏيل طور تي 1.676 ٽريلين روپيه حاصل ڪرڻ جو حدف مقرر ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته پيٽروليم ليوي جي ذريعي قومي ناڻي ۾ وڏي رقم جمع ڪئي پئي وڃي، جنهن جي خلاف جماعت اسلامي طرفان سموري ملڪ ۾ احتجاج جو سلسلو به جاري آهي ۽ انهي سلسلي ۾ حڪومت سان ڳالهين جا ڪجهه دور به ٿي چڪا آهن.

بقايا 06 ***

ن دفاعي حڪمت عملي جي تحت موثر جواب ڏنو. بنون پوليس جي وقت تي ۽ فوري ڪارروائي سان حملو ناڪام بنايو ويو حملي جي اطلاع ملندي ئي دستن جي ڪمڪ، ڪوئڪ رسپانس فورس ۽ سي ٽي ڊي واقعي واري هنڌ پهچي ڪليئرنس آپريشن ڪيو انهي دوران 4 خوارج جا لاش مليا. جن کان هٿيار ۽ ايمونيشن به هٿ آيو اختيارين موجب لاشن جي سڃاڻپ ڪئي پئي وڃي. انسپيڪٽر جنرل آف پوليس خيبرپختونخواهه ذوالفقار حميد خوارج جي بزدلاڻي حملي جو وقت تي ۽ فوري جواب ڏيڻ تي بنون پوليس جي تعريف ڪئي، هن چيو ته رات جي اونداهي ۾ دهشتگردن جي بزدلاڻي حملي کي ڪاميابي سان ناڪام بنائڻ اسان جي جوانن جي اعليٰ تربيت ۽ جانباري جو ثبوت آهي. دهشتگردن جي لاءِ خيبرپختونخواهه جي زمين تي ڪا به جڳهه نه آهي، انهن جو خاتمو يقيني بنائينداسين. ٻئي طرف وفاقي گهرو وزير محسن نقوي بنون ۾ پوليس چوڪي تي خوارجين جو حملو ناڪام بنائڻ تي پوليس ۽ سي ٽي ڊي جي تعريف ڪئي آهي. هن 4 دهشتگردن جي مارجي وڃڻ تي پوليس ۽ سي ٽي ڊي جي پيشه ورانه صلاحيتن ۽ ارادن جي تعريف ڪندي چيو ته خيبرپختونخواهه پوليس ۽ سي ٽي ڊي جي جوانن جرئت سان خوارجين جو حملو ناڪام بنايو محسن نقوي چيو ته خيبرپختونخواهه پوليس ۽ سي ٽي ڊي جي بهادر سپوتن تي ناز آهي. خيبرپختونخواهه ۾ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ پوليس ۽ سي ٽي ڊي جي قدمن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو.

بقايا 07 ***

ل جي سنڌ ريجنل آفيس جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي منعقد تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته 18 هين ترميم کان پوءِ صوبن 17 سالن ۾ فنڊ نه ڏنا آهن، نوان ننڍا صوبا ٺهڻ ناگزير آهي، سڄو پاڪستان ان مان ترقي ڪندو، جڏهن ڪراچي کي اختيار ملندا ته هي شهر ملڪ کي ترقي ڏيندو هي شهر پاڪستان کي معاشي بحران جي دلدل مان ڪڍي سگهي ٿو مصطفيٰ ڪمال آبادي بابت ڳالهائيندي چيو ته 2030 ۾ اسان دنيا جو ڇهون وڏو ملڪ بڻجي ويندا سين. حڪومت ايتري وڏي آبادي کي نوڪريون نٿي ڏئي سگهي. دنيا جي حڪومتون ماڻهن کي تربيت ڏين ٿيون ته جيئن اهي پنهنجي صلاحيتن ذريعي معيشت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. وفاقي صحت واري وزير چيو ته پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستاني هر سال 32 ارب ڊالر کان وڌيڪ رقم موڪليندا آهن، جيڪڏهن اهو پئسو اچڻ بند ٿي ويو ته ملڪ جي معيشت تباهه ٿي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته هن پنهنجي دور ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي اهو گذريل 50 سالن کان وڌيڪ آهي، پر اڃا گهڻو ڪجهه ڪرڻ جي ضرورت آهي. مصطفيٰ ڪمال چيو ته پاڪستان ۾ 900,000 نرسن جي کوٽ آهي، جڏهن ته ٻاهرين ملڪن ۾ ماهر نرسن کي تمام سٺيون پگهارون ملن ٿيون. هن چيو ته ماضي ۾ ماڻهن نرسنگ ڪاليجن کي ڪاروبار بڻايو هو اسان هن ڪاروبار کي بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ لاڳاپيل قانون کي تبديل ڪيو آهي. هن چيو ته اڳ ۾ صحت جي لاڳاپيل خدمتن سان لاڳاپيل لکين ماڻهن کي اسلام آباد وڃڻو پوندو هو پر هاڻي سنڌ ۾ قائم ٿيندڙ هي آفيس صوبي جو مرڪزي آفيس هوندو جتي سڀني لاڳاپيل ادارن کي ون ونڊو سهولتون فراهم ڪيون وينديون.

بقايا 08 ***

جسماني رمانڊ ۾ وڌيڪ 4 ڏينهن جي واڌ ڪري ڇڏي آهي پوليس جوابدار کي سينئر سول جج ڪرمنل ڊويزن محمد نصرالله وٽو جي عدالت ۾ پيش ڪيو پوليس عدالت کان جوابدار جي 5 ڏينهن جي جسماني رمانڊ جي درخواست ڪئي هئي، جنهن تي عدالت جوابدار احسن طاهر جو 4 ڏينهن جو وڌيڪ جسماني رمانڊ منظور ڪيو ان کان علاوه، شڪي جي پولي گراف ٽيسٽ جي رپورٽ اڄ اچڻ جو امڪان آهي.

بقايا 09 ***

هٽ 26 ماڻهو مارجي ويا ۽ 20 زخمي ٿي پيا. ڀارتي ميڊيا پوليس جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته مني بس ۾ سوار گهڻا ماڻهو ڪاليج جا شاگرد هئا جيڪي پنهنجا ڪلاس ختم ڪرڻ کان پوءِ گهر واپس اچي رهيا هئا ته قاضيگر ويجهو سندن گاڏي حادثي جو شڪار ٿي وئي. رپورٽن موجب، مني بس گولاگهاٽ کان ناگون ڏانهن وڃي رهي هئي جڏهن ته ٽرڪ آسام ڏانهن وڃي رهي هئي. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته خدشو آهي ته حادثي ۾ وڌيڪ ماڻهو فوت ٿي ويا هوندا. جڏهن ته حادثي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 10 ***

ن ۽ دٻاءَ جي پنهنجي پاليسي جاري رکندو. جڏهن ته هن وقت نئين فوجي ڪارروائي کان پاسو ڪندي آمريڪي اخبار واشنگٽن پوسٽ جي هڪ رپورٽ موجب، آمريڪي انتظاميا ظاهري طور تي ايران جي مسئلي تي هڪ حڪمت عملي اختيار ڪري رهي آهي جنهن ۾ نئين جنگ شروع ڪرڻ، فوري طور تي ڳالهيون ڪرڻ، يا مستقل امن لاءِ آخري معاهدي تي پهچڻ شامل ناهي. رپورٽ موجب، صدر ٽرمپ نائب صدر جي ڊي وينس کي ٻين معاملن تي ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي، پر آمريڪي صدر هن وقت ايران خلاف وڏي پيماني تي فوجي ڪارروائي ٻيهر شروع ڪرڻ لاءِ تيار نظر نه ٿا اچن. رپورٽ موجب، هڪ آمريڪي عهديدار، پنهنجو نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي چيو ته تازين انٽيليجنس بريفنگز ۽ اعليٰ سطحي ملاقاتن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته ٽرمپ هن وقت ايران سان ٻيهر جنگ شروع ڪرڻ نٿو چاهي. ان جي بدران، آمريڪي انتظاميا ايران خلاف بحري بندش، اقتصادي پابنديون، ۽ اقتصادي دٻاءَ جي پنهنجي پاليسي جاري رکڻ تي ڌيان ڏئي رهي آهي.

بقايا 11 ***

. مائيڪرو سافٽ اعلان ڪيو آهي ته ڪمپني جي مختلف آن لائن سروسز ۾ پيدا ٿيل ٽيڪنيڪي خرابي ختم ڪئي وئي آهي، جنهن کان پوءِ آئوٽ لڪ، ڪوپائلٽ سميت ٻيون ايپليڪيشنون مڪمل طور تي بحال ٿي ويون آهن. مائيڪرو سافٽ ٻڌايو ته سمورين متاثر سروسز جي بحالي جو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ صارفين معمول موجب انهن سمورين ايپليڪيشنز کي استعمال ڪري سگهن ٿا. رپورٽن موجب مائيڪرو سافٽ جي سروسز ۾ اها معطلي 24 ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت تائين جاري رهي جنهن سبب سموري دنيا ۾ ڪاروباري ادارن، سرڪاري کاتن ۽ ٻين تنظيمن جي آن لائن رابطن ۽ معمول جي سرگرمين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو. انهي بندش سان خاص طور تي مائيڪرو سافٽ ٽيمن جي ذريعي ٿيل آن لائن گڏجاڻي، آئوٽ لڪ جي اي ميل سروس ۽ ڪوپائلٽ جي استعمال ۾ رنڊڪون پيدا ٿيون.

بقايا 12 ***

ميرائي، شفقت ميرائي، بلاول ميرائي، وقاص ميرائي شامل آهن. واقعي جي اطلاع ملندي ئي امدادي ٽيمون ۽ لاڳاپيل عملو واقعي واري هنڌ پهچي ويا جتي فوتين جا لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو حادثي ۾ فوت ٿيل عاطف ميرائي ۽ نثار ميرائي جو تعلق چڪ سان ٻڌايو پيو وڃي جيڪي پوريهٽ هئا زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي حادثي جي سببن بابت وڌيڪ تفصيل سامهون نه اچي سگهيا آهن جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 13 ***

ب ۽ معياري طبي سهولتن تائين رسائي کي يقيني بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو آهي ته احتياطي تدبيرون ۽ وقت سر علاج عوامي صحت جي حفاظت لاءِ تمام ضروري آهن. ذيابيطس جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ سينيٽ چيئرمين چيو ته ذيابيطس هڪ وڏو عوامي صحت جي چئلينج جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ سرڪاري ادارن، طبي ماهرن، سول سوسائٽي ۽ عوام کي گڏيل ڪوششون ڪرڻيون پونديون. هن ذيابيطس جي خطرن ۽ پيچيدگين کي گهٽائڻ لاءِ صحتمند طرز زندگي اختيار ڪرڻ، متوازن غذا کائڻ، باقاعده جسماني سرگرمين ۽ معمول جي طبي معائني جي اهميت تي زور ڀريو سينيٽ چيئرمين طبي سهولتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ، عوامي آگاهي مهم کي وڌائڻ ۽ خاص طور تي سماج جي ڪمزور طبقن لاءِ ذيابيطس جي سڃاڻپ، علاج ۽ ضروري دوائن جي سستي ۽ آسان فراهمي کي يقيني بڻائڻ تي زور ڀريو. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته هڪ احتياطي طبي سهولتن ۽ عوامي صحت جي آگاهي ۾ سيڙپڪاري هڪ صحتمند، مضبوط ۽ خوشحال پاڪستان جي تعمير لاءِ ضروري آهي.

بقايا 14 ***

ريڪي هوائي اڏن تي پيدا ٿيل افراتفري ۾ ڪجهه گهٽتائي آئي. هوائي ٽريفڪ ڪنٽرول مرڪزن ۾ رابطن جي نظام ۾ خرابي سبب اها صورتحال پيدا ٿي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ 11 سيپٽمبر 2001 ع جي حملن کان پوءِ آمريڪا ۾ اڏامن جي سڀ کان ڊگهي بندش لاڳو ٿي هئي. آمريڪي ٽرانسپورٽ واري سيڪريٽري شان ڊفي چيو ته آمريڪا جي فضائي حدون مشرقي وقت موجب رات 8 لڳي 15 منٽن تي (گرينچ معياري وقت موجب چنچر ڏينهن رات 1 لڳي 15 منٽن تي) ٻيهر کوليون ويون، پر هن خبردار ڪيو ته اڏامن جي روانگي آهستي آهستي بحال ٿيندي ۽ ايئرلائنز کي معمول جون ڪارروايون ٻيهر شروع ڪرڻ ۾ وقت لڳندو. وائيٽ هائوس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڊفي چيو ته "اهو عمل سست رفتاريءَ سان اڳتي وڌندو" فلائيٽ ٽريڪنگ ويب سائيٽ فلائيٽ ريڊار 24 موجب، رات 11 لڳي 30 منٽن تائين لڳ ڀڳ 10 هزار اڏامون رد ڪيون ويون هيون، جن ۾ ڊيلٽا ايئرلائنز ۽ آمريڪن ايئرلائنز جون هر هڪ جون 2,200 کان وڌيڪ، جڏهن ته يونائيٽيڊ ايئرلائنز جون 1,800 اڏامون شامل هيون. جهازن جي نگراني ڪندڙ ان ويب سائيٽ ٻڌايو ته وڏن هوائي اڏن تي ڪجهه جهازن کي گيٽ ملڻ لاءِ پنجن ڪلاڪن کان وڌيڪ انتظار ڪرڻو پيو هوابازيءَ جي تجزيه نگارن چيو ته سڄي ملڪ ۾ ڇهن ڪلاڪن تائين اڏامون روڪڻ سبب ايئرلائنز جو شيڊيول ڪيترن ئي ڏينهن تائين متاثر ٿي سگهي ٿو ڊفي چيو ته ملڪ جي مختلف هوائي اڏن تي هزارين نه، پر ڏهاڪن هزارن جي تعداد ۾ مسافر ڦاسي پيا هئا. هن ٻڌايو ته هن ۽ هوم لينڊ سيڪيورٽي واري سيڪريٽري مارڪ وين مولن، صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان اوول آفيس ۾ ملاقات ڪري نظام ۾ پيدا ٿيل خرابيءَ بابت ڳالهايو هو هي خرابي آمريڪا جي هوائي ٽريفڪ ڪنٽرول نظام تي وڌندڙ دٻاءَ جي تازي ۽ سڀ کان سنگين نشاني آهي. اهو نظام اڳ ئي پراڻي ٽيڪنالاجي، اوزارن ۽ رابطن جي مسئلن سان گڏوگڏ ڪيترن هزار ايئر ٽريفڪ ڪنٽرولرن جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي. ڊفي ٻڌايو ته مسئلو منجهند 3 لڳي 36 منٽن تي شروع ٿيو، جڏهن هوائي ٽريفڪ ڪنٽرول مرڪزن جي ريڊار ۽ رابطن جي نظام ۾ غير استحڪام پيدا ٿيو. ڊفي چيو ته "اسان جا سوئچز ۽ رائوٽرز اصل ۾ ڊيٽا جي وڏي مقدار سبب اوور لوڊ ٿي ويا ۽ انهن رائوٽرز مان ڊيٽا ۾ تضاد اچڻ شروع ٿي ويا. ان ڪري اسان نظام کي بند ڪري ڇڏيو" هن وڌيڪ چيو ته ڪنهن به مرحلي تي ريڊار يا رابطن جو نظام مڪمل طور بند نه ٿيو هو ۽ اهي هزارين جهازن کي محفوظ طريقي سان لينڊ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ڊفي چيو ته فوري طور تي پيدا ٿيل مسئلو حل ڪيو ويو آهي ۽ هوائي سفر محفوظ آهي. پر اهڙين خرابين کي ٻيهر ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ پراڻي هوائي ٽريفڪ ڪنٽرول نظام جي وسيع پيماني تي نئين سر جوڙجڪ ضروري آهي. هوابازيءَ جي نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ 50 ارب ڊالرن جو منصوبو ڊفي ان خرابيءَ جو ذميوار ڪانگريس کي قرار ڏنو جنهن سندس چوڻ موجب نئين نظام لاءِ فنڊ فراهم نه ڪيا آهن. جڏهن ته اهڙو نظام مستقبل ۾ هن قسم جي بندش کي روڪي سگهي ٿو هن نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ 50 ارب ڊالر فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو جمعي ڏينهن ئي، نظام ۾ خرابي پيدا ٿيڻ کان اڳ، وائيٽ هائوس ۽ ٽرانسپورٽ واري کاتي ڪانگريس تي زور ڀريو هو ته ملڪ جي پراڻي هوائي اڏن ۽ هوائي ٽريفڪ ڪنٽرول جي بنيادي ڍانچي جي بهتر بڻائڻ لاءِ 30.1 ارب ڊالرن جي منظوري ڏني وڃي. ڊفي چيو ته "اسان وٽ هوائي ٽريفڪ ڪنٽرول جو انتهائي پراڻو نظام موجود آهي. اسان کي ان جي مرمت ۽ بهتريءَ لاءِ رقم ڏيو" هوم لينڊ سيڪيورٽي واري سيڪريٽري مولن چيو ته هينئر تائين اهڙو ڪو به ثبوت نه مليو آهي ته نظام ۾ پيدا ٿيل خرابي ڪنهن سائبر حملي يا ڪنهن بي قابو مصنوعي ذهانت (AI) واري نظام جو نتيجو هئي، جيتوڻيڪ جاچ ڪندڙن انهن ٻنهي امڪانن کي رد نه ڪيو هو مولن چيو ته "في الحال ائين لڳي ٿو ته هي خرابي مشيني سببن جي ڪري پيدا ٿي. تنهن هوندي به اسان اڃا جاچ ڪري رهيا آهيون." هن وڌيڪ ٻڌايو ته نيشنل سيڪيورٽي ايجنسي (NSA) به جاچ ۾ هوم لينڊ سيڪيورٽي واري کاتي سان سهڪار ڪري رهي هئي. ٻن ايئرلائنز جي عملدارن موجب، لڳي ٿو ته هي خرابي ايل ٿري هيرس ٽيڪنالاجيز جي نگرانيءَ هيٺ هلندڙ هڪ ٽيلي ڪميونيڪيشن نيٽ ورڪ کي متاثر ڪري رهي هئي، اهو نيٽ ورڪ اهم ريڊيو فريڪوئنسيز کي سنڀاليندو آهي، جيڪي هوائي ٽريفڪ ڪنٽرولر پائلٽن سان رابطي لاءِ استعمال ڪندا آهن. ايل ٿري هيرس تبصري جي درخواست جو جواب نه ڏنو مسافرن جون مشڪلاتون اڃا ختم نه ٿيون جيتوڻيڪ اڏامون روڪڻ جو حڪم ختم ڪيو ويو، پر مسافرن جون مشڪلاتون اڃا ختم نه ٿيون هيون. بوسٽن کان سيئٽل ۽ نيويارڪ کان لاس اينجلس تائين هوائي اڏن جي روانگي وارن هالن ۽ ايئرلائنز جي ڪائونٽرن تي مسافرن جا هجوم لڳل هئا، ڇاڪاڻ ته دير ۽ اڏامون رد ٿيڻ جو سلسلو جاري هو ۽ ڪيترائي جهاز اڃا تائين گيٽن تي بيٺل هئا. هزارين مسافرن کي رات هوائي اڏن تي ئي گذارڻي پئجي سگهي ٿي. پينسلوانيا جي علائقي ويسٽ چيسٽر سان تعلق رکندڙ 50 ورهين جي ايڊورڊ ڪارگبو جي رات 9 وڳي ايٿوپين ايئرلائنز جي اڏام ذريعي ٽوگو جي شهر لومي وڃڻ جي ٽڪيٽ هئي. پر ان بدران هن چنچر ڏينهن صبح 6 وڳي نئين مقرر ڪيل اڏام تائين هوائي اڏي تي ئي رات گذارڻ جو فيصلو ڪيو.

بقايا 15 ***

هو ته هن مير رضا جو لاش ملڻ واري هنڌ کي محفوظ نه ڪيو هو ياد رهي ته نوجوان ڪاروباري شخصيت مير رضا علي جو لاش 29 جولاءِ تي گلستان جوهر مان مليو هو شروعاتي طور واقعي کي خودڪشي قرار ڏيڻ تي شڪ شبها ظاهر ٿيڻ کان پوءِ سنڌ حڪومت جاچ لاءِ جوڊيشل ڪميشن قائم ڪيو هو آڪٽوبر 2026 ع ۾ سامهون آيل جوڊيشل ڪميشن جي رپورٽ ۾ مير رضا جي موت کي خودڪشي بدران قتل قرار ڏنو ويو هو رپورٽ ۾ شروعاتي پوليس جاچ دوران پيشاورانه غفلت جي نشاندهي ڪندي گڏيل جاچ ٽيم (جي آءِ ٽي) جوڙڻ جي سفارش پڻ ڪئي وئي هئي.

بقايا 16 ***

جو انڪشاف ٿيو آهي. ڊوهه لاءِ مين لائين جي ويجهو هڪ گهر ڪرائي تي ورتو ويو هو جتي هڪ زير زمين سرنگ ذريعي 181 فوٽ ڊگهو پائپ وڇايو ويو هو جوابدار ڪليمپس استعمال ڪندي پائپ کي هاءِ پريشر مين سپلائي لائن سان ڳنڍي خام تيل چوري ڪندا هئا. پوليس ڪارروائي ڪندي محمد ممتاز، شوڪت ۽ محمد اڪرام کي گرفتار ڪيو جڏهن ته گهر ۾ هڪ زير زمين ٽينڪ مان 1,431 ليٽر خام تيل هٿ ڪيو ويو. آئل فيلڊ جي سينئر ايگزيڪيوٽو ايڊمنسٽريٽر شاهد احمد پاران داخل ڪيل ڪيس موجب، مکيه سپلائي لائن مان ڪل 1,100 بيرل خام تيل چوري ڪيو ويو جنهن جي ماليت 23.2 ملين روپين کان وڌيڪ هئي. ڪيس ۾ گهر جي سنڀاليندڙ شاهه محمد سان گڏ ساجد، اختر حفظ الرحمان ۽ زاهد کي به تيل چوري ۾ ملوث قرار ڏنو ويو آهي. پوليس طرفان واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 17 ***

آهن. جڏهن ته اهي رابطا هڪ واضح طور مقرر ڪيل دائري اندر اڳتي وڌي سگهن ٿا. ذريعن موجب عمران خان ۽ خيبر پختونخوا ۾ پي ٽي آءِ جي حڪومت بابت 2 اهم سياسي معاملن تي عملي طور ڳالهه ٻولهه نه ٿيندي. پردي پٺيان رابطن کان واقف ذريعن جو چوڻ آهي ته هن مرحلي تي اڳوڻي وزيراعظم عمران خان لاءِ ڪنهن به رليف يا خيبر پختونخوا جي هاڻوڪي سياسي انتظام ۾ تبديلي بابت ڳالهين جي گنجائش ناهي. ان جو مطلب اهو به آهي ته سهيل آفريدي جي ٻيهر وڏي وزير بڻجڻ بابت ڪنهن تجويز تي غور نه پيو ڪيو وڃي. ذريعن ٻڌايو ته عمران خان جي ڀينرن جي رابطن ۾ شامل ٿيڻ سان ڳالهين لاءِ هڪ نئون رستو ضرور کليو آهي.

بقايا 18 ***

ويون. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته گذريل 12 ڪلاڪن دوران علي خيل ۾ 12 خوارج مارجي ويا، جن ۾ 2 افغان شهري پڻ شامل آهن. جڏهن ته مير علي ۽ دته خيل ۾ 2_2 خوارج کي ماريو ويو آءِ ايس پي آر موجب مارجي ويل خوارج ڀارت جي سرپرستي هيٺ سرگرم فتنه الخوارج سان تعلق رکندا هئا. ڪارروايون دوران پاڪ فوج جا به بهادر جوان حوالدار عصمت علي، عمر 43 سال، رهواسي ضلع صوابي ۽ نائڪ آفتاب علي، عمر 32 سال، رهواسي ضلع مردان بهادريءَ سان مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويا. آءِ ايس پي آر موجب مارجي ويل خوارج وٽان هٿيار ۽ گولا بارود پڻ هٿ ڪيو ويو، جڏهن ته اهي دهشتگرد معصوم شهرين جي قتل سميت ڪيترن ئي دهشتگرد ڪارروايون ۾ ملوث هئا. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته علائقي ۾ باقي رهيل خوارج جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري رهندا، جڏهن ته عزمِ استحڪام تحت ملڪ مان پرڏيهي سرپرستيءَ ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون ڪارروايون ڀرپور رفتار سان جاري رهنديون.

بقايا 19 ***

بندي نه پر نظم وضبط جي کوٽ آهي. شوڪت يوسفزئي چيو ته پارٽي قيادت جي هڪ ٻئي خلاف بيان بازي تي کيس تمام گهڻو ڏک ٿيو آهي. پارٽي کي موجوده مشڪلاتن مان ڪڍڻ لاءِ باهمي سمجهه ۽ اتحاد ضروري آهي. هن چيو ته بئرسٽر گوهر کي پارٽي کي متحد رکڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. اختلاف راءِ کي اختلاف چوڻ صحيح ناهي. پي ٽي آءِ هڪ وڏي سياسي پارٽي آهي ۽ ان جو باني هن وقت جيل ۾ آهي. اهڙين حالتن ۾ پارٽي اندر اختلاف راءِ جو هجڻ فطري ڳالهه آهي. شوڪت يوسفزئي چيو ته پارٽي قيادت کي ميڊيا ۾ هڪ ٻئي خلاف تفرقه انگيز بيان ڏيڻ کان پاسو ڪرڻ

بقايا 20 ***

يل طور تي 57 ارب 50 ڪروڙ روپيه روڪ مدد فراهم ڪئي. جڏهن ته جون ۾ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ ٿيل معاهدي جي تحت هلندڙ مالي سال ۾ صوبن کي گڏيل طور تي هڪ کرب 3 ارب 50 ڪروڙ روپيه نه پر هڪ هزار 35 ارب روپيه فراهم ڪرڻا هئا. ملندڙ رقم ۾ پنجاب جو حصو سڀني کان وڌيڪ 32 ارب 50 ڪروڙ روپيه رهيو، سنڌ 8 ارب 50 ڪروڙ، خيبرپختونخواهه 12 ارب 70 ڪروڙ جڏهن ته بلوچستان 3 ارب 70 ڪروڙ روپيه فراهم ڪيا. خيبرپختونخواهه حڪومت انهي کان اڳ صوبائي مدد کي پي ٽي آءِ باني عمران خان سان ملاقات سان مشروط ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو. ماليات انگن اکرن موجب چارئي صوبا ٽيڪس وصولين جو آءِ ايم ايف حدف حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا پر انهن روڪ سرپلس پيدا ڪرڻ جو حدف پورو ڪري ورتو وفاقي حڪومت جو پرائمري بجيٽ سرپلس ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو جي ٽيڪس وصولين جو مقرر حدف حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيا. پهرين ٽن مهينن لاءِ پرائمري بجيٽ سرپلس جو حدف هڪ هزار 950 ارب روپيه مقرر هو پر وفاقي حڪومت 2 هزار 970 ارب روپين جو سرپلس ظاهر ڪيو جيڪو گڏيل قومي پيداوار جو 2.1 سيڪڙو بڻجڻ ٿي شامل ڪرڻو هو ٻئي طرف اسٽيٽ بينڪ جو منافعو گذريل مالي سال جي مقابلي ۾ آمدني جي طور تي شامل ڪرڻ هو ٻئي طرف اسٽيٽ بينڪ جو منافعو گذريل مالي سال جي مقابلي ۾ 20 سيڪڙو يعني 945 ارب روپيه گهٽ ٿي تقريبن هڪ هزار 900 ارب رهجي ويو چئني صوبن گڏيل طور تي 599 ارب روپين جو روڪ سرپلس پيدا ڪيو جيڪو آءِ ايم ايف جي مقرر حدف کان 83 ارب روپيه وڌيڪ هو پر صوبائي حڪومتن جون ٽيڪس وصوليون 310 ارب روپيه رهيون جيڪي مقرر حدف کان 88 ارب روپيه گهٽ هيون. ايف بي آر جولاءِ کان سيپٽمبر جي دوران 3 هزار 89 ارب روپيه ٽيڪس جمع ڪيا، جڏهن ته حدف 3 هزار 30 ارب روپيه هو اهڙي طرح اداري ٽن مهينن جو حدف تقريبن 60 ارب روپين کان وڌيڪ حاصل ڪيو ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب موجب آءِ ايم ايف بورڊ جو ايندڙ مهيني اجلاس ٿيڻ جو امڪان آهي جنهن ۾ تقريبن 2.1 ارب ڊالر جي قرض قسط جي منظوري ڏئي سگهجي ٿي.

بقايا 21 ***

ڪري ڇڏي، جنهن ۾ نومبر 2024 ع کان سيپٽمبر 2026 ع تائين عدالتي ڪارڪردگي ۽ سڌارن جا تفصيل ڏنا ويا آهن. رپورٽ موجب، سپريم ڪورٽ ۾ 86 نقطن تي ٻڌل سڌارن واري ايڪشن پلان تي عملدرآمد جي نتيجي ۾ التواهيٺ ڪيسن جي انگ ۾ لڳ ڀڳ 47 سيڪڙو گهٽتائي ٿي، جڏهن ته ڪيس اڪلائڻ جي مجموعي شرح ۾ 56 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سڌارن واري منصوبي جا مجموعي طور 86 قدم تجويز ڪيا ويا هئا، جن مان 64 مڪمل ڪيا ويا، 11 تي ڪم جاري آهي، جڏهن ته باقي 11 قدمن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي سڌارن کانپوءِ سپريم ڪورٽ ۾ التواهيٺ ڪيسن جو انگ 60 هزار 304 مان گهٽجي 31 هزار 927 رهجي ويو آهي. آئيني ترميم کانپوءِ 22 هزار 213 ڪيس وفاقي آئيني عدالت ڏانهن منتقل ڪيا ويا، جڏهن ته نومبر 2024 ع کان سيپٽمبر 2026 ع تائين داخل ٿيل نون ڪيسن جي پيٽ ۾ 6 هزار 998 وڌيڪ ڪيسن جا فيصلا ڪيا ويا. رپورٽ موجب، عدالتي سال 2024_25 ع دوران سپريم ڪورٽ 25 هزار 989 ڪيس اڪلايا، جڏهن ته ان کان اڳ واري سال ۾ 16 هزار 620 ڪيسن جا فيصلا ڪيا ويا هئا. سزائن جي موت خلاف اپيلن جي ٻڌڻين ۾ به اڳڀرائي ٿي آهي، هاڻي 2026 ع تائين جا ڪيس ٻڌڻي هيٺ اچي چڪا آهن. جڏهن ته ضمانت بعد گرفتاري وارن ڪيسن ۾ 2009 ع ۽ خانداني ڪيسن ۾ 2010 ع تائين التواهيٺ رهيل ڪيسن کان اڳتي وڏي ٻڌڻيون ٿي رهيون آهن. عدالتي نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ سپريم ڪورٽ رولز 2025 ع تحت اي فائلنگ، ڊجيٽل رڪارڊ ۽ ورچوئل ٻڌڻين جو قانوني نظام متعارف ڪرايو ويو آهي. رپورٽ موجب، هيل تائين 45 هزار 131 کان وڌيڪ ڪيس اي فائلنگ ذريعي داخل ڪيا ويا، جڏهن ته 2 لک 64 هزار کان وڌيڪ عدالتي فيصلن کي ڊجيٽل شڪل ڏني وئي آهي. ان ڪانسواءِ درخواستگذارن کي 34 هزار 883 کان وڌيڪ تصديق ٿيل ڪاپيون پڻ جاري ڪيون ويون.

بقايا 22 ***

رهيو. شيئرز جي خريداري ۾ واڌ سبب 100 انڊيڪس لڳ ڀڳ 4 هزار پوائنٽس وڌي 177 هزار 873 پوائنٽن تي بند ٿيو. اسٽاڪ ايڪسچينج جي هفتيوار رپورٽ موجب ڪاروباري هفتي دوران 100 انڊيڪس ۾ مجموعي طور 3 هزار 987 پوائنٽن جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو رپورٽ موجب هفتي دوران انڊيڪس جي بلند ترين سطح 180 هزار 769 پوائنٽس ۽ گهٽ ۾ گهٽ سطح 176 هزار 273 پوائنٽس رهي. هڪ هفتي دوران شيئرز جا 4 ارب 33 ڪروڙ سودا 155 ارب روپين ۾ طئي ٿيا، جڏهن ته اسٽاڪ مارڪيٽ جي مجموعي ماليت ۾ 426 ارب روپين جو اضافو ٿيو جنهن کانپوءِ مارڪيٽ ڪيپيٽلائيزيشن وڌي 19 هزار 335 ارب روپيا ٿي وئي.

بقايا 23 ***

چيو آهي ته وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڏنل اسائنمنٽ تي ڪم ڪري ٿو لاهور ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي اياز صادق چيو ته هر وزير پنهنجي وزارت هلائي رهيو آهي، هر هڪ جو پنهنجو ڪردار آهي، اهي اهو نه پڇندا آهن ته ترميم اچي رهي آهي يا نه، انهن کي خبر پوندي جڏهن اها ايندي. هن وڌيڪ چيو ته وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڏنل اسائنمنٽ تي ڪم ڪري ٿو منهنجو ڪم تڏهن شروع ٿيندو جڏهن حڪومت چوندي ته 28 هين ترميم اچي رهي آهي، مان ترميم کي سلو يا خراب نه چوندس، منهنجو ڪم سهولت فراهم ڪرڻ آهي.

بقايا 24 ***

ڻ لاءِ جهلم پهچي وئي، جتي هن اسلام قبول ڪيو آهي. رپورٽ موجب اطالوي ڇوڪري جي دوستي سوشل ميڊيا ذريعي جهلم جي رهواسي حيدر نالي نوجوان سان ٿي، جيڪا وقت گذرڻ سان محبت ۾ تبديل ٿي وئي. ڇوڪري حيدر سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اسلام قبول ڪرڻ کانپوءِ پاڪستان پهچي وئي ٻنهي شاديءَ جا قانوني مرحلا مڪمل ڪرڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر آفيس جهلم سان پڻ رابطو ڪيو رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڪستاني نوجوان حيدر هڪ پراپرٽي آفيس ۾ آفيس بواءِ طور ڪم ڪري ٿو.

بقايا 25 ***

ڪروز شپ هڪ پاسي جهڪي ويو ڪروز شپ ۾ 120 کان وڌيڪ ماڻهو سوار هئا، جن سڀني کي محفوظ طور تي ڪڍيو ويو حادثي کان پوءِ، مسيسپي درياءَ تي حادثي واري هنڌ جي ويجهو شپنگ ٽريفڪ معطل ڪئي وئي آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو چوڻ آهي ته ٻن جهازن جي ٽڪراءَ ڪري ڪو به جاني نقصان نه ٿيو اسپتال ۾ 32 ماڻهن جو علاج هلندڙ آهي، ڪوسٽ گارڊ ۽ بچاءُ ٽيمن جي ڪارڪردگي ساراهه جوڳي آهي.

بقايا 26 ***

س جي بيماري کان بچاءُ، وقت سر تشخيص ۽ صحتمند طرز زندگي کي قومي ترجيح بڻائين، ان بابت عوامي آگاهي جو پيغام پورو سال ملڪ جي هر طبقي ۽ هر ڪميونٽي تائين پهچڻ گهرجي، وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون، طبي ماهر، تعليمي ادارا، ميڊيا ۽ سول سوسائٽي ان سلسلي ۾ اردو ۽ علائقائي زبانن ۾ ٺوس آگاهي مهمن جو انعقاد ڪن. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب هن اها ڳالهه ذيابيطس جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پيغام ۾ چئي. صدر ان موقعي تي سمورن پاڪستانين کي اپيل ڪئي ته اهي بيماري کان بچاءَ، صحتمند طرز زندگي ۽ وقت سر تشخيص کي قومي ترجيح بڻائين. هن چيو ته هن سال جو موضوع "ذيابيطس جي خلاف وقت سر قدم" اسان کي ياد ڏياري ٿو ته وقت سر قدم قيمتي جانيون بچائڻ ۽ بيماري جي سنگين پيچيدگين کان محفوظ رهڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. صدر چيو ته انٽرنيشنل ڊائيبيٽيز فيڊريشن جي تازه ترين ڪاٿي موجب پاڪستان ۾ 2024 ع دوران 3 ڪروڙ 45 لک بالغ ماڻهو ذيابيطس جي مرض ۾ مبتلا هئا جن مان هڪ پاڳي چار کان وڌيڪ ماڻهن جي تشخيص نه ٿي هئي. هن چيو ته اها ڳڻتي جوڳي صورتحال اسان جي عوام جي صحت ۽ ڀلائي جي تحفظ جي لاءِ مسلسل ۽ موثر قدمن جي گهرجائو آهي. صدر چيو ته ٽائيپ ٽو ذيابيطس جي ڪيترن ئي ڪيسز کي متوازن خوراڪ، باقاعده جسماني سرگرمي، صحتمند وزن برقرار رکڻ ۽ تماڪ کان پاسو ڪرڻ جي ذريعي روڪي يا ان جي خطرن کي رد ڪري سگهجي ٿو صدر شهرين تي زور ڀريو ته اهي مشروبات جو استعمال گهٽ ڪن، وڌيڪ کنڊ ۽ غيرصحتمند سٽپ وارين غذائن کان پرهيز ڪن ۽ پنڌ ڪرڻ، ورزش ۽ راندين کي پنهنجي روزاني جي معمولات جو حصو بڻائين. صدر چيو ته ٻارن ۾ شروعاتي عمر کان ئي صحتمند عادتن کي فروغ ڏيڻ ۾ خاندانن ۽ تعليمي ادارن جي خصوصي ذميواري آهي جڏهن ته عوامي آگاهي جو پيغام پورو سال ملڪ جي هر طبقي ۽ هر ڪميونٽي تائين پهچڻ گهرجي. صدر وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن، طبي ماهرن، تعليمي ادارن، ميڊيا ۽ سول سوسائٽي تي زور ڀريو ته اهي ان سلسلي ۾ اردو ۽ علائقائي زبانن ۾ ٺوس آگاهي مهمن جو انعقاد ڪن جن جي ذريعي بيماري کان بچاءُ، ان جي شروعاتي علامتن ۽ طبي معائني جي لاءِ ڪڏهن ۽ ڪٿي رجوع ڪرڻ گهرجي، ان بابت سادي ۽ قابل عمل رهنمائي فراهم ڪئي وڃي. صدر آصف علي زرداري چيو ته اسان جي ڪوشش جو دائرو پنجاب، سنڌ، خيبرپختونخواهه، بلوچستان، اسلام آباد ڪيپيٽل ٽيريٽري، گلگت بلتستان ۽ آزاد جمون ۽ ڪشمير تائين پکڙجڻ گهرجي. صدر چيو ته عورتن، بزرگ شهرين، گهٽ آمدني وارن خاندانن ۽ ڳوٺاڻي ۽ ڏورانهن علائقن ۾ رهندڙ آبادين تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. ليڊي هيلٿ ورڪرز، بنيادي صحت مرڪز ۽ ڪميونٽي تنظيمون اعتماد جوڳي معلومات ۽ طبي معائني جون سهولتون ماڻهن جي درن تي پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. صدر چيو ته ذيابيطس جي بيماري ڪڏهن ڪڏهن واضح علامتن کانسواءِ ئي ٿي سگهي ٿي، تنهن ڪري آگاهي مهمن جي ذريعي ماڻهن کي ترغيب ڏيڻ گهرجي ته اهي بيماري جي ممڪن خطرن ۽ ضروري طبي ٽيسٽن جي حوالي سان مستند طبي ماهرن سان مشورو ڪن. وقت سر تشخيص ڪانپوءِ سستي ۽ پهچ جوڳي علاج ۽ مسلسل طبي نگهداشت جي فراهمي به يقيني بڻائڻ ضروري آهي. صدر چيو ته صحتمند طرز زندگي جي فروغ جي لاءِ معاون عوامي پاليسين جي به ضرورت آهي. اسان کي خاص طور تي عورتن ۽ ٻارن جي لاءِ غذائيت سان ڀرپور ۽ سستي خوراڪ، تعليمي ادارن ۾ صحتمند غذائن، پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ پنڌ ڪرڻ ۽ تفريح جي لاءِ محفوظ ۽ پهچ جوڳي جاين کي فروغ ڏيڻو پوندو. صدر ان ڳالهه تي زور ڀريو ته اچو آگاهي کي روزاني جي زندگي جي عملي قدمن ۾ تبديل ڪريون، بيماري کان بچاءَ جي قدمن ۾ سيڙپڪاري ۽ عوام کي صحتمند چونڊ ڪرڻ جي قابل بڻائي اسان ذيابيطس جي وڌندڙ بار کي گهٽ ڪري سگهون ٿا ۽ هڪ صحتمند پاڪستان جي جوڙجڪ ڪري سگهون ٿا.

بقايا 27 ***

بلور موجب، نيب 13 نومبر تي ٻن اهم پڇا ڳاڇا جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي نوٽيس جاري ڪيا. هن چيو ته قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر ۽ سندس خاندان جي ڪاروباري پاڻيواري بابت رڪارڊ طلب ڪيو ويو آهي. ثمر هارون بلور موجب ڊاڪٽر امجد علي خلاف جاري جاچ ۾ 9 ماڻهن کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن، جڏهن ته اسلام آباد ۾ ملڪيت خريد ڪرڻ جي معاملي ۾ 5 ماڻهن کي شاهد طور طلب ڪيو ويو آهي. جائيداد ملڪيت جي خريداري لاءِ ڪيل 24.4 ملين روپين جي ادائگين جي جاچ جاري آهي. هن چيو ته نيب پنجن ئي ماڻهن کي 19 نومبر تي جاچ آفيسر آڏو پيش ٿيڻ جو حڪم ڏنو آهي، جڏهن ته ڊاڪٽر امجد علي جي ڪيس ۾ ٻيو ڪال اپ نوٽيس پڻ جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا 28 ***

آئيني عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي وئي آهي جنهن ۾ سمورن گرفتار چونڊيل نمائندن جي فوري آزادي ۽ انهن کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته چونڊيل عوامي نمائندن کي حراست ۾ رکڻ عوامي مينڊيٽ کي غير موثر بنائڻ جي برابر آهي. جڏهن ته سياسي وابستگي جي بنياد تي چونڊيل نمائندن کي نشانو بنائڻ آئين جي آرٽيڪل 14_17 ۽ 25 جي ڀڃڪڙي آهي. درخواست ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته گرفتار ٿيل اسيمبلي ميمبرن جا گرفتاري واري هنڌ ۽ انهن کي گرفتار رکڻ جي قانوني حيثيت بابت تفصيل عدالت ۾ پيش ڪيا وڃن. درخواست ۾ وڌيڪ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته آئين جي آرٽيڪل 232 ۽ 234 ۽ 245 جي تحت حاصل اختيار به بنيادي حقن کان مٿانهان نه آهن

بقايا 29 ***

گهرڻ، سوشل ميڊيا تي پوسٽون ختم ڪرڻ ۽ آئنده اهڙن الزامن کان پاسو ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي قانوني نوٽيس ۾ مريم نواز کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته اها 7 ڏينهن ۾ لڳايل الزامن تي معافي گهري ۽ ايڪس سميت سوشل ميڊيا تان بي بنياد الزامن وارين پوسٽون ڊليٽ ڪري نوٽيس موجب مريم نواز لکت ۾ يقين ڏهاني ڪرائي ته آئنده اهڙي نوعيت جا توهين جوڳا الزام ٻيهر نه ورجايا وڃن نه شايع ڪيا وڃن ۽ نه انهن کي ڪنهن ٻئي ذريعي پکيڙيا وڃن. قانوني نوٽيس ۾ چيو ويو آهي ته جيڪڏهن 7 ڏينهن ۾ معافي نه گهري وئي ته مرڪزي مسلم ليگ قانوني ڪارروائي جو حق رکي ٿي. قانوني نوٽيس مرڪزي مسلم ليگ جي صدر خالد مسعود سنڌهو جي هدايت تي ايڊووڪيٽ محمد عامر حبيب طرفان جاري ڪيو ويو، جنهن ۾ چيو ويو آهي ته مرڪزي مسلم ليگ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۾ باقاعده رجسٽرڊ سياسي پارٽي آهي. مريم نواز پنهنجي ذاتي سوشل ميڊيا اڪائونٽ(ٽوئٽر) ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي مرڪزي مسلم ليگ کي غيرقانوني پارٽي ۽ دهشتگرد پارٽي قرار ڏنو هو نوٽيس موجب مرڪزي مسلم ليگ 2024 جي عام چونڊن ۾ پارٽي جي چونڊ نشان ڪرسي تي حصو گهريو جڏهن ته 8 نومبر 2026 کي ٿيندڙ اين اي 77 گوجرانواله جي ضمني چونڊن ۾ ٻئي وڏي پارٽي جي طور تي سامهون آئي. مرڪزي مسلم ليگ قانوني نوٽيس جي ذريعي مريم نواز کان معافي گهرڻ ۽ آئنده ڪنهن به قسم جا الزام لڳائڻ کان پاسو ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 30 ***

ي چيو ته غيرقانوني مائننگ خلاف ڪارروائي جي دوران انڪشاف ٿيو ته هر مهيني تقريبن 90 ڪلو گرام سون ڪڍيو پئي ويو جڏهن ته انهي غيرقانوني ڪاروبار مان حاصل ٿيل وڏي رقم جو وڏو حصو افغانستان منتقل ڪيو ويندو هو. خيبرپختونخواهه جي گورنر چيو ته غيرقانوني کاڻين ۾ ملوث ماڻهن جي خلاف زيرو ٽالرينس ٿيندي، صوبي ۾ سون جي کاڻن جون سمورين ليزون ملتوي ڪيون پيون وڃن، سمورين سرگرمين فوري طور تي معطل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. فيصل ڪريم ڪنڊي ڊيڊ لائن ڏني ته سون جي کاڻين تي ڪم ڪندڙ ليز هولڊر ۽ ٺيڪيدار هڪ هفتي جي اندر لاڳاپيل علائقن مان پنهنجون ڳريون مشينريون هٽائي ڇڏيون، مشينريون نه هٽايون ويون ته هڪ هفتي کان پوءِ ڪارروائي ٿيندي ۽ سموريون مشينرون ضبط ڪيون وينديون. پهريان مئجسٽريٽ مشينري ضبط ڪري 30 هزار ڏنڊ لاڳو ڪندا هئا پر هاڻ قانون ۾ ڏنڊ جي رقم 5 لک روپيه ڪئي وئي آهي انهي جي به جاچ ٿيندي. هن ٻڌايو ته غير قانوني مائننگ ۾ 8 هزار 350 ٽريڪٽر ٽرالين، هڪ هزار 730 هيوي ڊمپرز ۽ وڏي تعداد ۾ مزدور استعمال ٿي رهيا هئا، ڪوهاٽ ۾ معدنيات جا 2 بلاڪ سي ۽ ڊي آهن جڏهن ته هڪ مائننگ بلاڪ 4 ارب 92 ڪروڙ روپين جي ليز تي ڏنو ويو هو خيبرپختونخواهه جي گورنر چيو ته غيرقانوني کاڻين مان حاصل ٿيندڙ رقم جو وڏو حصو افغانستان منتقل ٿي رهيو هو ۽ اهي پئسا دهشتگردي ۾ پاڪستان جي خلاف استعمال ٿي رهيا هئا. غيرقانوني مائننگ ڪندڙ عناصر دهشتگردن کي ڀتو ڏيڻ ۽ انهن کان تحفظ حاصل ڪندا هئا. هن ٻڌايو ته ڪوهاٽ ۾ غيرقانوني گولڊ مائننگ خلاف وڏو آپريشن ڪيو ويو انهي دوران پوليس بهادري جو مظاهرو ڪندي غيرقانوني مائننگ جو سلسلو ختم ڪيو پر آپريشن کان پوءِ واپس آيل پوليس فورس تي فتنه الخوارج حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڊي ايس پي ۽ 10 پوليس اهلڪار شهيد ٿيا، پوليس جي جوابي ڪارروائي ۾ 11 خوارج مارجي ويا. خيبرپختونخواهه جي گورنر شهيد ڊي ايس پي حيدر زمان جي نالي سان ٽاسڪ فورس قائم ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته انهي قيام جي منظوري ڏني وئي آهي. هن واضح ڪيو ته پوليس اهلڪارن کي شهيد ڪندڙن سان زيرو ٽالرنس جي پاليسي اپنائي ويندي ۽ ملوث ماڻهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو فيصل ڪريم ڪنڊي جو چوڻ هو ته آخر ڪيستائين اسان پنهنجي جوانن جون شهادتون ڏيندا رهنداسين هاڻ اهو سلسلو برداشت نه ڪيو ويندو گورنر وڌيڪ چيو ته گذريل 13 سالن جي دوران خيبرپختونخواهه جي وسيلن کي ڦريو ويو پر هاڻ صوبي ۾ جزا ۽ سزا جو نظام لاڳو ٿيندو حڪومت جو مقصد صوبي ۾ ترقي ۽ خوشحالي آڻڻ ۽ نوجوانن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي. هن ٻڌايو ته مائنز اينڊ منرلز جي حوالي سان منعقد ڪانفرنس ۾ سڄي دنيا مان وفدن شرڪت ڪئي ۽ معدني وسيلن بابت معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، هاڻ عالمي برادري کي به مائنز اينڊ منرلز جي شعبي ۾ گهرايو پيو وڃي ته جيئن صوبي جي قدرتي وسيلن کي ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ ڪتب آندو ويندو

بقايا 31 ***

ڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب ملڪ ۾ في تولو سون جي قيمت ۾ 700 رپيا گهٽتائي ٿي، جنهن کان پوءِ في تولو سون جي قيمت 410,936 روپين تائين پهچي وئي. ايسوسيئيشن موجب، ملڪ ۾ 10 گرام سون جي قيمت به 600 رپيا گهٽجي 352,311 رپيا ٿي وئي آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 7 ڊالر گهٽجي 3,884 ڊالر في اونس ٿي وئي آهي.

بقايا 32 ***

وليس موجب فائرنگ ڪندڙ جوابدار واقعي بعد فرار ٿي ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته مقتولن جوابدارن تي 4 ٻڪريون چوري ڪرڻ جو الزام لڳايو هو جنهن تان تڪرار پيش آيو پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 33 ***

باني سان جيل ۾ ملاقات تي شڪ جو اظهار ڪيو پروگرام ۾ نئون پاڪستان ۾ ڳالهائيندي سلمان اڪرم راجا چيو ته مستقبل ۾ باني سان ملڻ لاءِ وڌيڪ منظور ٿيل ماڻهو موڪلي سگهجن ٿا. پي ٽي آءِ جي باني سان ملاقات جا ڪجهه مقصد هئا، ۽ ملاقات ۾ سياست تي ڳالهائڻ جو موقعو پڻ ڏنو ويو پي ٽي آءِ جي باني سلمان اڪرم موجب، گورننس لاءِ ننڍا صوبا ۽ يونٽ هجڻ گهرجن، پر اهو ڪرڻ جو طريقو اهو ناهي ته اهڙو وڏو فيصلو نه ڪيو وڃي جتي ووٽ جو احترام نه ڪيو وڃي. آئين ۾ ريفرنڊم ذريعي صوبا ٺاهڻ جي ڪا گنجائش ناهي. جڏهن ووٽ کي پوري نظام ۾ تقدس نه ڏنو ويو آهي ته پوءِ ريفرنڊم جي تقدس ڪيئن پيدا ٿي سگهي ٿو؟

بقايا 34 ***

عيت علماءِ اسلام جو اڳواڻ اسعد محمود ٻئين ڪال اپ نوٽيس تي به پيش نه ٿيو نيب اسعد محمود کي 10 نومبر تي پيش نه ٿيڻ تي 13 نومبر تي ٻيهر طلب ڪيو هو، اسعد محمود لکت ۾ جواب جمع ڪرايو هو جنهن کي نيب اڻپورو ۽ غير تسلي بخش قرار ڏنو هو اسعد محمود کي پي ڊي ايم دور ۾ بطور مواصلات واري وزير پاڪستان پوسٽ ڀرتين جي ڪيس ۾ طلب ڪيو ويو هو نيب پاڪستان پوسٽ ۾ 4 هزار 252 ڀرتين جي معاملي تي طلبي جو نوٽيس جاري ڪيو هو ۽ منظور ٿيل 2 هزار 646 ڀرتين جي بجاءِ 4 هزار 252 ڀرتين جي الزام تي جواب گهريو ويو هو. نيب نوٽيس ۾ ڪابينه جي هدايتن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڀرتين جو الزام به شامل آهي جڏهن ته پاڪستان پوسٽ ۾ مستقل بنيادن تي ڀرتين جو معاملو به نيب جاچ ۾ شامل آهي. ڀرتين ۾ سياسي وابستگين، جعلي دستاويزات ۽ عمر جي حد به وڌيڪ هجڻ جا الزام شامل آهن. ڊوميسائيل ڪوٽه جي ڀڃڪڙين سميت ڪيترن ئي الزامن تي اڳوڻي وزير کان جواب طلب ڪيو ويو هو غير قانوني ڀرتين جي ڪيس ۾ نيب جي طلبي تي اڳوڻو وفاقي وزير اسعد محمود ٻئي ڪال اپ نوٽيس تي به پيش نه ٿيو.

بقايا 35 ***

ا پهچي ويو آهي. انهي جي ايران جي دوري بابت آمريڪي اختيارين سان اهم مشاورت ٿي رهي آهي. آمريڪي نيوز ويب سائيٽ ايڪزيوس ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته رومن گوفمين واشنگٽن ۾ آمريڪي سينٽرل انٽيليجنس ايجنسي(سي آءِ اي) جي ڊائريڪٽر جان رينڪلف سان ملاقات ڪري رهيو آهي. اميد آهي ته اهو وائيٽ هائوس جي خاص نمائندي اسٽيوٽڪوف سان ملاقات جي لاءِ ميامي به ويندو رپورٽ موجب موساد، سي آءِ اي ۽ وائيٽ هائوس انهي دوري ۾ گڏيل ملاقاتن تي ڳالهائڻ کان انڪار ڪيو آهي. هڪ آمريڪي عهديدار موجب صدر ٽرمپ هينئر تائين نيتن ياهو طرفان ايران جي خلاف فوجي ڪارروايون ٻيهر شروع ڪرڻ جي مطالبي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ 5 نومبر تي ٽيليفون تي ايران جنگ جي معاملي تي ڳالهيون ٿيون هيون پر ٽرمپ في الحال ٻيهر فوجي ڪارروائي شروع ڪرڻ جي بجاءِ ايران جي خلاف بحري ناڪه بندي ۽ اقتصادي دٻاءُ برقرار رکڻ جي حمايت ڪئي آهي. ايڪزيوس جي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اسرائيل ۾ 27 آڪٽوبر تي ٿيل چونڊن کان پوءِ نيتن ياهو پارليامينٽ ۾ پنهنجي اڪثريت وڃائي چڪو آهي جڏهن ته انهي سياسي مخالف گادي آئزنڪوٽ کي نئين حڪومت ٺاهڻ جو مينڊيٽ ملي چڪو آهي پر اڃان تائين اهو واضح نه ٿي سگهيو آهي ته آئزنڪوٽ نئين حڪومت جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيندو يا نه. رپورٽ موجب اسرائيلي اپوزيشن جي ڪجهه اڳواڻن کي خدشو آهي ته نيتن ياهو اقتدار برقرار رکڻ ۽ آئزنڪوٽ جي حڪومت سازي وارين ڪوششن کي ناڪام بنائڻ جي لاءِ ايران تي حملو ڪرڻ يا ايران کي اسرائيل جي خلاف ڪارروائي لاءِ ڀڙڪائڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو اهي صرف اپوزيشن اڳواڻن جا خدشا آهن، ڪنهن ثابت ٿيل منصوبي جي تصديق نه ٿيل آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

معزز شخصيت، وڏيري علي اصغر مستوئي، ايڊووڪيٽ محمد اعظم مستوئي، رحمت الله مستوئي، علي اڪبر مستوئي (شوروم واري) ۽ استاد طارق علي مستوئي جو والد، اديب ۽ ليکڪ استاد رزاق مستوئي، محمد اسلم مستوئي، ايڊووڪيٽ محمد سليم مستوئي، ايڊووڪيٽ سجاد علي مستوئي، اعجاز علي مستوئي ۽ استاد نثار احمد مستوئي جو چاچو، جڏهن ته خادم حسين مستوئي ۽ سنڌ پريس ڪلب مٺياڻي سرپرست اعليٰ ميول خان مستوئي جو سهرو فقير علي شير خان مستوئي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ پنهل خان مستوئي ۾ ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ ضلعي نوشهروفيروز ۽ تعلقي مورو جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن مان سياسي، سماجي، علمي، ادبي، مذهبي، قومپرست اڳواڻن، وڪيلن، پروفيسرن، ڊاڪٽرن، استادن، صحافين، معززين ۽ علائقي واسين مٿن مائٽن دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري مرحوم جي آخري رسمن ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي مرحوم جي جنازي نماز سائين انوار احمد پڙهائي، جنهن بعد مرحوم کي سوين آلين اکين سان سندس اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم جو ٽڏو ڳوٺ پنهل خان مستوئي ۾ وڇايو ويو آهي، جتي سندس پوئنرن سان تعزيت ۽ ڏک ونڊڻ جو سلسلو جاري آهي. الله پاڪ مرحوم جي مغفرت فرمائي، جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ پوئينرن کي صبر جميل عطا فرمائي. آمين

بقايا عوامي سوچ 02

ن پوءِ فشريز کاتي جي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي هدايتن تي اڄ ڊائريڪٽر جنرل فشريز ڊاڪٽر عاصم ڪريم پنهنجي ٽيم سميت ڪيٽي بندر پهتو، جتي هن متاثر مقامي ماهيگيرن سان ملاقات ڪري سندن مسئلا ۽ شڪايتون تفصيل سان ٻڌيون. ان موقعي تي ڊي جي فشريز ڊاڪٽر عاصم ڪريم چيو ته مقامي ماهيگيرن جا سمورا جائز مسئلا حل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا. هن چيو ته وڏن ٻيڙن جي لانچن جا عملدار مقامي هوڙن وارن ماهيگيرن کي مڇيءَ جو شڪار ڪرڻ نٿا ڏين. اهڙي عمل خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ مقامي ماهيگيرن کي سندن جائز حق ڏياريا ويندا. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت سمنڊ ۾ مڇيءَ جي نسل کي تباهه ڪندڙ خطرناڪ پولو رچ بند ڪرائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي، جنهن تي ايندڙ ڪجهه ڏينهن اندر پابندي لاڳو ڪئي ويندي. پولو رچ استعمال ڪندڙن خلاف پڻ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ڊي جي فشريز وڌيڪ چيو ته پولو رچ جي متبادل طور مقامي ماهيگيرن کي ٻيا مناسب جار فراهم ڪيا ويندا، جيئن هو مڇيءَ جو شڪار ڪري پنهنجو روزگار جاري رکي سگهن. مقامي ماهيگيرن ڊي جي فشريز جي دوري ۽ مسئلن جي حل لاءِ ڏنل خاطري کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته سندن ڏکهي عرصي کان هلندڙ مسئلا عملي طور حل ڪيا ويندا

بقايا عوامي سوچ 03

علي حسن زرداري پي پي ضلعي صدر ميمبر قومي اسيمبلي ٺٽو صادق علي ميمڻ، چيئرمين ضلع ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور جي خاص هدايتن تي چيئرمين ٽائون ڪميٽي گهوڙاٻاري محمد رمضان پنهور طرفان ٽائون ڪميٽي گهوڙاٻاري جي مختلف اٺ (8) ڳوٺن ۾ الٽرا فلٽريشن پلانٽ قائم ڪيا ويا آهن انهي سلسلي ۾ اڄ نائون (9) ڳوٺ حاجي ابراهيم پنهور ۾ الٽرا فلٽريشن پلانٽ جو افتتاح چيئرمين ضلع ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور ڪيو افتتاحي تقريب ۾ پي پي تعلقه اطلاعات سيڪريٽري گهوڙاٻاري غلام نبي شيخ، وائيس چيئرمين ٽائون ڪميٽي گهوڙاٻاري ممتاز علي شورو، علي نواز لاکو، چيئرمين سڪندر لاکو سميت علائقي جي معززين بلدياتي نمائندن پارٽي ورڪرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 04

جي مضمونن ۾ بهترين ماڊل ناهي تمام بهترين انداز سان پيش ڪيا. سائنسي ميلو گهمڻ لاءِ ڪيترن ئي اسڪولن جا ٻار، مائٽ ۽ ايجوڪيشن آفيسرن وزٽ ڪيو گورنمينٽ پرائمري اسڪول الله ڏنو ڪالوني، بيل ڪالوني، ميگهواڙ ڪالوني گرلس اسڪول، گرلس هاءِ اسڪول، سائوٿ سٽي اسڪول، المهراڻ جاءِ اسڪول، نارٿ ڪالوني پرائمري اسڪول ۽ انهن اسڪولن جي استادن شرڪت ڪئي ۽ استادن ۽ شاگردن جي محنت کي ساراهيو. آفيسرن ۾ ارجن سوٿهڙ، صديق دل، مڪيش پرهوت، ڪملا ، شسيلا، سائين ٻيرجي، عاشق علي بجير، برڪت علي بجير ۽ ٻين ڪيترن سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت ڪري شاگردن ۽ استادن جي محنت کي ساراهيو آخر ۾ هيڊ ماستر ڪيلاش لوڊا سيني جو شڪريو مڃيو ان کان سواءِ گرلس هاءِ اسڪول اولهه لوهاڻا محلا ۾ پڻ ساڳئي پروقار تقريب ٿي، جنهن ۾ پڻ شاگرديائين ڀرپور حصو ورتو ۽ خوب داد حاصل ڪيو

بقايا عوامي سوچ 05

گهارو ۾ فائرنگ ڪري پيش امام اڪرام الله پناڻ کي قتل ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس ترجمان موجب واقعي جو ڪيس نمبر 295/2026، مقتول جي چاچي هدايت الله پناڻ جي فرياد تي گهارو ٿاڻي تي قلم 302 تحت داخل ڪيو ويو هو ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو واقعي جو نوٽيس وٺندي جوابدارن جي گرفتاري ۽ ڪيس کي ٽريس ڪرڻ لاءِ ڊي ايس پي ساڪرو محمد علي ڊامڙو، انچارج DICانسپيڪٽر فيصل شفيع ميمڻ، ايس ايڇ او گهارو سب انسپيڪٽر فدا خاصخيلي ۽ اي ايس آءِ علي بخش لنڊ تي مشتمل خاص ٽيم جوڙي هئي. پوليس ٽيم جديد ۽ پيشوراڻي طريقي سان جاچ ڪندي پراڻي پل، ڪي ڊي اي نالي روڊ، روشن باغ گهارو پرسان ڪارروائي ڪري قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدار دانش ولد محمد ياسين خاصخيلي، رهواسي گهارو، کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان واردات ۾ استعمال ٿيل ريپيٽر ۽ 5 ڪارتوس پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي. ايس ايس پي ٺٽو بلائنڊ مرڊر ڪيس ٽريس ڪرڻ تي پوليس ٽيم کي شاباش ڏيندي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا عوامي سوچ 06

اسٽاف پاران اسڪول ۾ سندن آمد تي هڪ پروقار ۽ شاندار آجياڻي تقريب منعقد ڪئي وئي. سموري اسٽاف پاران گلن ۽ تاڙين جي گونج سان سندن شاندار استقبال ڪيو ويو. استادن طرفان گلن جا هار، اجرڪ ۽ ٻيا تحفا پيش ڪري سندن مانُ مٿانهون ڪيو ويو. جڏهن ته اسڪول جي اسڪائوٽس پاران کين گارڊ آف آنر پڻ پيش ڪيو ويو. تقريب کي خطاب ڪندي هيڊ ماستر هدايت الله ٻچاڻي، جيتيش راڻي، صدر گستا ٿرپارڪر، جيئه پرڪاش نيٽواڻي، مهيش ڪمار رائي، مفتي محمد اسحاق درس، پيشم ڪوٺاري ۽ ٻين استادن چيو ته سائين مهيش ڪمار شرما هڪ گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ، انتهائي سادا، سپاجهڙا، ڪلمک ۽ پنهنجي فرض سان سچا انسان آهن. هنن چيو ته سائين پنهنجي 60 سالن جي سروس دوران انتهائي ايمانداري، سچائي، محنت ۽ لگن سان پنهنجا فرض سرانجام ڏنا. هنن پنهنجي ڪم کي عبادت سمجهي هميشه اداري جي مالڪي ڪئي ۽ ڪڏهن به پنهنجي ذميوارين ۾ ڪا ڪوتاهي نه ڪئي. سندن پيشه ورانه صلاحيتون، مثالي ڪردار ۽ تعليمي خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. سندن رٽائرمينٽ سان پيدا ٿيل خال پرڻ انتهائي ڏکيو هوندو. ان موقعي تي استادن سندن شاندار خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي کين لوئيون، اجرڪون ۽ گلن جا هار تحفي طور پيش ڪيا ۽ سندن مستقبل لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. بعد ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي جي روايت کي برقرار رکندي سموري اسٽاف پاران هڪ ريلي جي صورت ۾ سائين مهيش ڪمار شرما کي سندن گهر تائين الوداع ڪيو ويو. ان موقعي تي دهلن، دمامن ۽ روايتي رقص سان کين شاندار نموني رخصت ڪيو ويو. گهر پهچڻ تي سندن گهر ڀاتين پاران آيل سمورن استادن جو شاندار استقبال ڪيو ويو. جڏهن ته عورتن روايتي انداز ۾ سائين جي آرتي اتاري سندن آڌرڀاءُ ڪيو. گهرڀاتين پاران آيل مهمانن جي لذيذ روايتي کاڌن سان خاطر تواضع ڪئي وئي. استادن سائين سان گڏ گذاريل خوبصورت لمحن کي تصويرن ۽ وڊيوز ذريعي محفوظ ڪيو ۽ کين محبتن، دعائن ۽ نيڪ تمنائن سان الوداع ڪيو. آخر ۾ سموري اسٽاف پاران دعا ڪئي وئي ته الله پاڪ سائين مهيش ڪمار ڪرشن لال شرما کي وڏي ڄمار، صحت، سلامتي، عزت ۽ خوشين سان ڀرپور زندگي عطا فرمائي. هو جتي به هجن، خوش و خرم، چاڪ چڱا ڀلا ۽ آباد رهن ۽ رٽائرمينٽ کانپوءِ واري زندگي خير ۽ عافيت سان گذارين. سائين مهيش ڪمار شرما جون 60 سالن تي مشتمل بي مثال تعليمي خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون.

بقايا عوامي سوچ 07

پروگرام تحت ملندڙ امدادي رقم بنا ڪنهن ڪٽوتي جي فراهم ڪرڻ لاءِ ڊائريڪٽر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ضلعو ٺٽو ميڊم طاهر پيچوهو سرگرم ٿي وئي، ڊوائيس هولڊرن ۽ ايجنٽن خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي. ميڊم طاهر پيچوهو پاران ڳوٺ ٺٽو غلام الله کان ويندي ساحلي پٽيءَ جي ڪيٽي بندر تائين هنگامي دورا ڪري مستحق عورتن سان ملاقاتون ڪيون پيون وڃن ۽ امدادي رقم جي ورهاست بابت شڪايتون ٻڌيون ويون. ان موقعي تي عورتن پاران شڪايتون ڪيون ويون ته ڪجهه ڊوائيس هولڊر ۽ ايجنٽ سندن امدادي رقم مان مبينا طور ناجائز ڪٽوتيون ڪن ٿا ۽ مڪمل رقم ڏيڻ بدران گهٽ رقم حوالي ڪن ٿا. ڊائريڪٽر طاهر پيچوهو عورتن کي يقين ڏياريو ته سندن امدادي رقم مان ناجائز ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيس هولڊرن ۽ ايجنٽن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته مستحق عورتن جي حقن تي ڪنهن کي به ڌاڙو هڻڻ نه ڏنو ويندو ۽ کين مڪمل امدادي رقم جي فراهمي يقيني بڻائي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي رقم غريب ۽ حقدار عورتن جي امانت آهي، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪٽوتي يا ناجائز وصولي برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 08

تياز ڪوڪر سان گڏ ڏوڪري پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سندس والد شاهه محمد مگريو حياتيءَ ۾ ئي ملڪيت جي ورهاست ڪري ويو هو، جنهن تحت عبدالستار مگريو پنهنجي حصي مان 7 جريب زرعي زمين غلام محمد ڪوڪر کي، جڏهن ته سندس مرحوم ڀاءُ رياض مگريو پنهنجي حصي مان 4 جريب زمين امتياز ڪوڪر کي وڪرو ڪئي هئي هنن تعمير مگريو پاران زمين تي قبضي ۽ سندس حصي جي زمين وڪرو ڪرڻ وارن الزامن کي رد ڪندي چيو ته زمين پنهنجي جائز حصي مان وڪرو ڪئي وئي آهي ۽ خريداري جو مڪمل دستاويزي رڪارڊ موجود آهي غلام محمد ڪوڪر ۽ امتياز ڪوڪر چيو ته روينيو رڪارڊ جي فارم 7_B ۾ مگريو پائرن جي نالي سان داخلا ۽ قانوني فرد سرٽيفڪيٽ پڻ موجود آهي. هنن الزام هنيو ته زمين خريد ڪرڻ وقت تعمير مگريو ڪو اعتراض نه ڪيو پر هاڻي عدالت ۾ ڪيس داخل ڪري کين پريشان ڪيو پيو وڃي. هنن چيو ته معاملو هن وقت عدالت ۾ هلندڙ آهي

بقايا عوامي سوچ 09

پيچوهو سرگرم ٿي وئي، ڊوائيس هولڊرن ۽ ايجنٽن خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي. ميڊم طاهر پيچوهو پاران ڳوٺ ٺٽو غلام الله کان ويندي ساحلي پٽيءَ جي ڪيٽي بندر تائين هنگامي دورا ڪري مستحق عورتن سان ملاقاتون ڪيون پيون وڃن ۽ امدادي رقم جي ورهاست بابت شڪايتون ٻڌيون ويون. ان موقعي تي عورتن پاران شڪايتون ڪيون ويون ته ڪجهه ڊوائيس هولڊر ۽ ايجنٽ سندن امدادي رقم مان مبينا طور ناجائز ڪٽوتيون ڪن ٿا ۽ مڪمل رقم ڏيڻ بدران گهٽ رقم حوالي ڪن ٿا. ڊائريڪٽر طاهر پيچوهو عورتن کي يقين ڏياريو ته سندن امدادي رقم مان ناجائز ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيس هولڊرن ۽ ايجنٽن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته مستحق عورتن جي حقن تي ڪنهن کي به ڌاڙو هڻڻ نه ڏنو ويندو ۽ کين مڪمل امدادي رقم جي فراهمي يقيني بڻائي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي رقم غريب ۽ حقدار عورتن جي امانت آهي، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪٽوتي يا ناجائز وصولي برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 10

بر تي اصغر بروهي جو گڏهه ٻبرو ۽ ٽيئن نمبر تي رحيم شيخ جو ڳاڙهو گڏهه ميدان ماري ڪاميابي ماڻي ورتي، ڪاميابي ماڻيندڙ گڏهن جي شوقين مالڪن کي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر ٺٽو علي اظهر بروهي ۽ ميونسپل ڪميٽي ٺٽي جي چيئرمين ادا محمد ميمڻ جن ڪيش انعام ۽ ٽرافيون ڏيئي سندن همت افزائي ڪندي چيو ته هر راند جو پنهنجو معيار آهي، هتي گڏهن جي ريس جو مقابلو ڪرايو ويو آهي، جنهن ريس ۾ وڏي تعداد ۾ شوقينن حصو ورتو آهي، هنن چيو ته ههڙن گڏهن جي ريس جي مقابلن لاءِ الڳ ميدان هجن، جتي روڊن بجاءِ بهتر نموني سان مقابلا ڪرائي سگهجن ٿا، هنن چيو ته گڏهن جي ريس جي مقابلن لاءِ الڳ گرائونڊ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون، جيئن الڳ گرائونڊ حاصل ڪري اتي گڏهن جي ريس جا مقابلا ڪرائي سگهجن.

بقايا عوامي سوچ 11

واپاري ڀاءُ 42 ورهين جي علي خان لنڊ جي بناجواز گرفتاري ۽ گمشدگي خلاف دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته حيدرآباد جي هڪ هوٽل تان نسيم نگر ۽ قاسم آباد پوليس سندن واپاري ڀاءُ علي خان لنڊ ۽ سندس ساٿي امجد جتوئي کي بناجواز گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي، ٻن ڏينهن کانپوءِ امجد جتوئي کي آزاد ڪيو ويو پر سندن ڀاءُ علي خان لنڊ اڃا تائين پوليس جي تحويل مان آزاد نه ٿي سگهيو آهي هنن چيو ته گذريل 8 ڏينهن کان سندن ڀاءُ گم آهي، جڏهن ته سندس ڪار نمبر BJ_3519 پڻ گم آهي، حيدرآباد پوليس کان علي خان لنڊ جي گرفتاري بابت پڇا ڪرڻ باوجود پوليس سندس گرفتاري کان لاتعلقي ظاهر ڪري رهي آهي، جنهن سبب سڄو خاندان سخت پريشاني ۽ اذيت ۾ مبتلا آهي، وارثن جو چوڻ هو ته سندن ڀاءُ واپاري آهي ۽ پنهنجي حق حلال جي روزي ڪمائي خاندان جو گذر سفر ڪندو آهي، جيڪڏهن علي خان لنڊ ڪنهن ڏوهه ۾ ملوث آهي ته ڪيس قانون موجب عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي، ڪيس گم رکڻ ۽ وارثن کي بي خبر رکڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي، هنن وڌيڪ ٻڌايو ته ڀاءُ جي اغوا ۽ گمشدگي خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست پڻ داخل ڪرائي وئي آهي، جنهن جي ٻڌڻي لاءِ 18 تاريخ مقرر ٿيل آهي، علي خان لنڊ جي گمشدگي سبب گهر ۾ ڪهرام متل آهي ۽ سمورو خاندان بي چيني ۾ مبتلا آهي، پريس ڪانفرنس ڪندڙ وارثن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو ته بناجواز گرفتار ڪري گم ڪيل سندن واپاري ڀاءُ علي خان لنڊ کي فوري طور بازياب ڪرائي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ انصاف جي حاصلات لاءِ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 12

ڪو شاهي بازار ٺٽي کان پنهنجي مقرر روٽن کان ٿيندو علو شاهه مست امام بارگاهه تي پهچي اختتام پذير ٿيو. جنهن جلوس عزا ۾ نوحه خواني نوحه خوان سيد غلام حيدر شاهه شيرازي، لالا حسيني، زرغام حيدر، رضا عباس، جمن حيدري، نجف علي ڪتري ۽ ٻين پيش ڪئي، جڏهن ته ڪمپيئرنگ جا فرائض نعيم قريشي پاران ادا ڪرڻ سميت جلوس جي آخر ۾ زوار آفتاب اسير پاران مصائب بيبي فاطمه زهر تي روشني وڌي وئي. جڏهن ته سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا، جيئن ڪو اڻوندڙ واقعو پيش اچي نه سگهي

بقايا عوامي سوچ 13

هرو. ايريگيشن عملدار اسان جي واري شاخ بند ڪري رات جو بااثر زميندارن کي پئسن عيوض پاڻي وڪرو ڪن ٿا فتح محمد خاصخيلي اوڏيرو لال اسٽيشن لڳ روهڙي ڪئنال مان نڪرندڙ سلطان پور شاخ جي آبادگارن جو طاهر برهماڻي جي اڳواڻي ۾ فتح محمد خاصخيلي. جبار خاصخيلي ۽ ٻين شاخ تي مقرر ايريگيشن عملدارن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي انهن جو چوڻ هو ته سلطان پور شاخ کي هر 15 ڏينهن وارا بندي جو جواز ڄاڻائي مقرر عملو بند ڪري ٿو جڏهن ته ساڳيو عملو وارا بندي هوندي رات جي وقت بااثر زميندارن کان رشوت وٺي شاخ کولي ڇڏي ٿو جيڪا اسان ننڍن آبادگارن سان زيادتي آهي انهن وڌيڪ چيو ته زرعي پاڻي نه هجڻ ڪري اسان کٽڪ جو فصل به نه پوکي سگهيا آهيون جي اهڙي حالت رهي ته اسان ٻچا فاقاڪشي تي مجبور ٿي وينداسين ۽ اسان پنهنجي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙينداسين جنهن جا ذميوار سلطان پور شاخ تي مقرر ايريگيشن عملدار هوندا آبادگارن چيف سيڪريٽري سنڌ. سيڪريٽري ايريگيشن کاتي کان مطالبو ڪيو ته سلطان پور شاخ تي رشوت جي بازار گرم ڪندڙ ايريگيشن عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري شاخ تان وارا بندي ختم ڪري اسان ننڍن آبادگارن سان انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ اسان ڏهه دري موري تي ايريگيشن آفيس اڳيان پنهنجي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙينداسين

بقايا عوامي سوچ 14

زي امام بارگاهه حيدري ۾ عشره فاطميه انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهائڻ بعد اڄ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي، جنهن کانپوءِ علم پاڪ جي ساءِ هيٺ مرڪزي ماتمي جلوس برآمد ڪيو ويو. جنهن ۾ مومنن ۽ عزادارن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، تفصيل موجب مختلف امام بارگاهن مان نڪتل ماتمي جلوس به مرڪزي جلوس ۾ شامل ٿي ويا، مرڪزي جلوس جڏهن ڪربلا چوڪ پهتو ته اتي مومنن ۽ شهرين جي وڏي انگ پاران نذر نياز ۽ سبيل جو اهتمام ڪيو ويو. جڏهن ته مرڪزي شيعه اڳواڻ سيد فدا حسين ڪاظمي خطاب ڪندي حضرت سيده فاطمة الزهراء سلام الله عليها جي سيرت، قربانين ۽ اسلام لاءِ ڏنل عظيم ڪردار تي روشني وڌي، مرڪزي ماتمي جلوس شاهه بازار کان ٿيندو نيو چوڪ پهتو، جتي مختلف ماتمي انجمنن پاران نوحه خواني ۽ عزاداري ڪئي وئي، جڏهن ته باهرين مجلس عزا پڻ منعقد ڪئي وئي، ان بعد جلوس پنهنجي مقرر ڪيل رستن تان ٿيندو واپس مرڪزي امام بارگاهه حيدري پهتو، جتي سيد سادات پاران دعا ۽ زيارت پڙهي وئي، ان موقعي تي عالم انسانيت، دين اسلام، ملڪ پاڪستان ۽ سنڌ ڌرتي جي سلامتي، امن، اتحاد ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون، هوڏانهن ايس ايس پي دادو ڪيپٽن رٽائرڊ صدام حسين خاصخيلي جي سخت هدايتن تي ماتمي جلوس جي سمورن رستن ۽ اهم چوڪن تي پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪري سخت حفاظتي انتظام ڪيا ويا، جڏهن ته جلوس پرامن نموني پنهنجي پڄاڻي تي پهتو

بقايا عوامي سوچ 15

تي عوام پاران ساراهه ڪراچي: سچل جي حد ۾ صفائي ڪندڙ عملي تي تشدد جي وڊيو وائرل ٿيڻ واري معاملي تي ايس ايس پي ايسٽ فوري نوٽيس وٺندي جوابدار جي فوري گرفتاري جا حڪم جاري ڪيا. ايس ايس پي ايسٽ جي حڪمن تي ايس ايڇ او سچل اعجاز جي سربراهي ۾ سچل پوليس فوري ڪارروائي ڪندي تشدد ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ عبدالولي ولد حاجي حبيب الرحمان طور ٿي آهي. پوليس موجب جوابدار صفائي ڪندڙ عملي کي تشدد جو نشانو بڻايو هو جنهن جي وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد عوام ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي وئي هئي. ايس ايڇ او سچل اعجاز جي قيادت ۾ پوليس ٽيم جوابدار کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو. گرفتار جوابدار خلاف ضابطي موجب ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي. علائقي واسين ۽ صفائي عملي پاران ايس ايس پي ايسٽ جي فوري نوٽيس ۽ ايس ايڇ او سچل اعجاز جي بروقت ۽ بهادرانه ڪارروائي کي ساراهيو ويو آهي. عوام جو چوڻ آهي ته اهڙي تڪڙي ڪارروائي سان پوليس تي اعتماد بحال ٿئي ٿو ۽ غريب پورهيتن کي تحفظ جو احساس ملي ٿو. ايس ايڇ او سچل اعجاز جو چوڻ آهي ته قانون هٿ ۾ کڻندڙ ڪنهن به ماڻهو کي بخش نه ڪيو ويندو، پورهيت طبقو اسان جي عزت آهي، ان تي تشدد ناقابل برداشت آهي

بقايا عوامي سوچ 16

جي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ امداد قاضي، عبدالڪريم مگريو، ڪامريڊ نارو ماڇي، محمد بچل سولنگي، زبير جتوئي ۽ ٻين آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان موقعي تي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ امداد قاضي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته جهڙن مسئلن کي سنڌ ۽ ملڪ جو عوام ڀوڳي رهيو آهي ان لاءِ منظم ٿي روس وانگر سوشلسٽ انقلاب ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ جي عوام جي اڪثريت بي شمار وسيلن جي مالڪ هوندي به بي روزگاري، بک ۽ بدحالي جو شڪار آهي. ڪامريڊ امداد قاضي وڌيڪ چيو ته قومي وحدتن کي ٽڪرا ڪري سڀني انتظامي مشينري نه ٿي قائم ڪري سگهجي. اصل مسئلو ملڪ ۾ جاگيرداري ۽ رياست تي غير سياسي قوتن جو قبضو آهي. ان ڪري ڪنهن به ووٽ جي نظام سان عوام کي اقتدار اعلي نه ملي سگهندو مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ با اختيار مقامي نظام قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي. قومي وحدتن کي ورهائڻ جو مطلب اصل ۾ سخت مرڪزي نظام قائم ڪرڻ آهي. ڪامريڊ امداد قاضي چيو ته انساني تاريخ انقلابن سان ڀري پئي آهي، پر انسان جڏهن کان شعوري طور منظم ٿي انقلاب آندا آهن. ته ان سان غلامي جو خاتمو ۽ انسان جي هٿان انسان جي استحصال جي خاتمي جو بنياد پيو آهي. ان جو آغاز روس ۾ ڪامريڊ لينن جي اڳواڻي ۾ روس ۾ آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب سان ٿيو اسان کي به ان مان سبق پرائي پنهنجون زندگيون بدلائڻ لاءِ انقلاب جي تياري ڪرڻ گهرجي.

بقايا عوامي سوچ 17

باهه پڪڙي پئي باهه جا شعلا بلند ٿيندي ئي اتي موجود ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو جڏهن ته وين ۾ سوار مسافرن فوري طور گاڏي مان ٻاهر نڪري پنهنجون جانيون بچايون ان دوران پيٽرول پمپ جي عملي غيرمعمولي ڦڙتي ۽ حاضر دماغيءَ جو مظاهرو ڪندي وين ۾ لڳل ايل پي جي گئس سلينڊر کي فوري طور ٻاهر ڪڍي ورتو ۽ امدادي ڪارروايون شروع ڪري ڏنيون عملي جي بروقت ڪوششن سان وين ۾ لڳل باهه تي ضابطو آندو ويو جڏهن ته باهه لڳڻ سبب مسافر وين کي جزوي نقصان پهتو خوشقسمتيءَ سان واقعي ۾ ڪو به جاني نقصان نه ٿيو ۽ سمورا مسافر محفوظ رهيا پيٽرول پمپ جي عملي جي بروقت ڪارروائي ۽ حاضر دماغيءَ کي مسافرن ۽ شهرين پاران ساراهيو ويو

بقايا عوامي سوچ 18

جو سنگين معاملو سامهون اچي ويو آهي، جتي ٽن گهرن جا 7 معصوم ٻار پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئڻ کان رهجي ويا آهن. متاثر خاندانن موجب، گذريل مسلسل ٻن پوليو مهمن دوران پوليو ٽيم سندن گهرن تائين نه پهتي، جنهن سبب سندن معصوم ٻار پوليو کان بچاءَ وارن ڦڙن کان محروم رهجي ويا. خاندانن جو چوڻ آهي ته پوليو مهم جي باوجود سندن علائقي ۾ عملي جي پهچ نه ٿيڻ سواليا نشان بڻجي ويو آهي. متاثر خاندانن اعليٰ اختيارين، صحت کاتي جي عملدارن ۽ پوليو پروگرام جي ذميوارن کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، غفلت جا ذميوار عملي خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ رهجي ويل ستن معصوم ٻارن کي بنا دير پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 19

ش کي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 48 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي . عدالت جوابدار داد بخش کي 700,000 رپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. عدالت زخمي پرڏيهي شهري کي 850,000 رپيا معاوضو ڏيڻ جو حڪم ڏنو آهي. عدالت چيو ته استغاثه ثبوتن سان ثابت ڪيو ته جوابدار چيني انجنيئرن جي گاڏي کي منصوبابندي مطابق نشانو بڻايو عدالت چيو ته پرڏيهي شهرين تي حملو قومي ۽ بين الاقوامي اهميت جو معاملو آهي، عدالت چيو ته چيني انجنيئر پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ ٻطرفي معاهدن جي تحت قومي اهميت جي منصوبن تي ڪم ڪري رهيا آهن. حملي جو مقصد پرڏيهي شهرين خلاف نفرت پکيڙڻ، ملڪ ۾ بدامني پيدا ڪرڻ ۽ تشدد کي پڙڪائڻ هو. عدالت چيو ته روپوش جوابدار ناصر، شهزاد بلوچ، ڊاڪٽر خليل بلوچ ۽ ميجر غارام بلوچ خلاف ڪارروائي ملتوي ڪئي وڃي، ڊپٽي پراسيڪيوٽر اقبال ميو چيو ته سي ٽي ڊي جوابدار داد بخش خلاف به ڪيس داخل ڪيا آهن. جوابدار جولاءِ 2021ع ۾ گل بائي پل پنهنجي ساٿين سان گڏ ويجهو هڪ چيني انجنيئر جي گاڏي تي فائرنگ ڪئي . ڊپٽي پراسيڪيوٽر جنرل چيو ته جوابدار جي فائرنگ ۾ چيني انجنيئر زخمي ٿي پيو

بقايا عوامي سوچ 20

بدين، 14 نومبر 2026 پاڪستان فشر فوڪ جي سڏ تي مهاڻن موسمياتي تبديلي خلاف جدوجهد ڪندڙ ڪارڪنن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن پاران بدين جي شاهنواز چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب بدين تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ڪوئلي تيل ۽ گئس جي نون منصوبن ۽ انهن جي واڌ کي فوري طور روڪڻ، موسمياتي انصاف فراهم ڪرڻ قابل تجديد توانائيءَ ڏانهن منصفاڻي منتقلي ۽ مهاڻن سميت متاثر برادرين جي روزگار کي تحفظ ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو ريلي ۾ شرڪت ڪندڙن چيو ته گڏيل قومن جي موسمياتي تبديلي بابت عالمي ڪانفرنس COP31ترڪي جي شهر انتاليا ۾ جاري آهي جنهن موقعي تي 14 نومبر تي موسمياتي انصاف لاءِ عالمي ڏينهن جي سرگرمين ۾ شرڪت ڪندي دنيا جي متاثر برادرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو آهي. مظاهرين عالمي اڳواڻن کان مطالبو ڪيو ته فوسل فيولز جي استعمال ۽ نون منصوبن جي واڌ کي روڪڻ لاءِ فوري ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن، جڏهن ته ماحولياتي تباهي ۽ موسمياتي ناانصافي جو شڪار برادرين کي مناسب مالي سهڪار ۽ نقصانن جو ازالو فراهم ڪيو وڃي. ريلي ۾ مطالبو ڪيو ويو ته ڪوئلي جي نين کاڻين، تيل ۽ گئس جي ڳولا، لائسنسن، اجازتن ۽ لاڳاپيل انفراسٽرڪچر جي واڌ تي پابندي لڳائي وڃي، جڏهن ته ڪوئلي، تيل ۽ گئس جي منصوبن لاءِ سرڪاري توڙي خانگي مالي سهڪار بند ڪيو وڃي. شرڪت ڪندڙن چيو ته موجوده فوسل فيولز جي منصوبن کي عالمي گرمي پد ۾ واڌ 1.5 ڊگري سينٽي گريڊ تائين محدود رکڻ واري هدف کي نظر ۾ رکندي مرحليوار ختم ڪيو وڃي ۽ 2050 تائين صفر اخراج جو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن. ان سلسلي ۾ ترقي يافته ملڪن کي وڌيڪ ذميواري کڻندي فوسل فيولز جو استعمال ٻهرين ۽ تيزيءَ سان گهٽائڻ گهرجي. ريلي ۾ 100 سيڪڙو قابل تجديد توانائيءَ ڏانهن منصفاڻي منتقلي، سستي ۽ قابل اعتماد توانائيءَ جي فراهمي، مقامي برادرين جي ملڪيت هيٺ توانائيءَ جي نظامن کي هٿي ڏيڻ ۽ مقامي ماڻهن جي زمينن، روزگار، ثقافت ۽ حقن جي تحفظ تي پڻ زور ڏنو ويو. مظاهرين مطالبو ڪيو ته موسمياتي تبديليءَ کان متاثر ملڪن ۽ برادرين لاءِ گرانٽ جي صورت ۾ مناسب مالي سهڪار فراهم ڪيو وڃي ۽ فوسل فيولز ڪمپنين کان موسمياتي تبديليءَ سبب ٿيندڙ نقصانن جو ازالو ڪرايو وڃي، جنهن ۾ متاثر علائقن ۽ ماحولياتي نظام جي بحالي پڻ شامل هجي. ريلي ۾ موسمياتي تبديليءَ جي نالي ۾ پيش ٿيندڙ اهڙن منصوبن کي به رد ڪيو ويو، جيڪي ماحولياتي تحفظ بدران وڌيڪ نقصان جو سبب بڻجي سگهن ٿا. ان سان گڏ زمين، پاڻي، خوراڪ جي وسيلن ۽ مقامي برادرين جي قدرتي وسيلن تي سندن حقن جي تحفظ جو مطالبو ڪيو ويو. ان موقعي تي مقررين چيو ته مهاڻا ۽ ساموندي پٽيءَ تي رهندڙ برادريون موسمياتي تبديليءَ کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ طبقن ۾ شامل آهن. سمنڊ جي سطح ۾ واڌ، ساموندي پٽيءَ جي کٽائي، کارو پاڻي زرعي زمينن ۽ مٺي پاڻيءَ ۾ داخل ٿيڻ توڙي ساموندي ماحولياتي نظام ۾ تبديلين سبب مهاڻن جا گهر، روزگار، مڇي مارڻ جا علائقا ۽ روايتي زندگي خطري ۾ پئجي وئي آهي. هنن چيو ته موسمياتي انصاف جو مطلب رڳو ماحولياتي تحفظ ناهي، پر مهاڻن جي حقن، ساموندي ماحولياتي نظام، روايتي علم ۽ روزگار جي وسيلن جو تحفظ پڻ آهي. مقررين حڪومتن، عالمي اڳواڻن ۽ مالياتي ادارن تي زور ڀريو ته موسمياتي بحران کان متاثر برادرين جي آواز کي اهميت ڏيندي فوري ۽ عملي قدم کنيا وڃن. ريلي ۾ پاڪستان فشر فوڪ فورم ضلعي بدين جي صدر ايم سومار ملاح، محمد اسلم ملاح، نائب صدر عبدالخالق ملاح، علي محمد ملاح، سوشل ورڪر اتحاد بدين جي صدر مولوي عبدالواجد سمون، جنرل سيڪريٽري غلام حيدر بڪاري، سماجي اڳواڻ روشن قاضي، شاهه سلطان لاڙ، سجاد تحريڪ جي اڳواڻ زين شاهه، پاڪستان فشر فوڪ فورم جي سينيئر نائب صدر ساجن شيخ، علڻ ملاح، فشر ڊيلر ايسوسيئيشن جي اڳواڻ محمد حسن ملاح، يونٽ الهڏنو ملاح جي جنرل سيڪريٽري نياز محمد ملاح سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي جي پڄاڻيءَ تي شرڪت ڪندڙن عالمي اڳواڻن کي واضح پيغام ڏنو ته فوسل فيولز جو خاتمو ڪيو وڃي، موسمياتي انصاف فراهم ڪيو وڃي متاثرن جي نقصانن جو ازالو ڪيو وڃي ۽ توانائيءَ ڏانهن منصفاڻي منتقلي يقيني بڻائي وڃي

بقايا عوامي سوچ 21

ي سليم احمد اڄڻ شهزاد ملڪ علي نواز جوٽيجو شوڪت علي آرائين بيشم ڪمار حسينن جاگيراڻي سان ملاقات ڪري محبت، پنهنجائپ ۽ قرب ڀري ڪچهري ڪئي. سندس آمد تي پريس ڪلب جي ساٿين پاران گرمجوشي سان آجيان ڪئي وئي. ان موقعي تي سينيئر صحافي عجيب علي لاکو صحافين سان مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ صحافتي ميدان ۾ گڏيل اتحاد، پائيچاري ۽ هڪ ٻئي سان سهڪار جي اهميت تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. هن چيو ته صحافت هڪ ذميوار شعبو آهي، جنهن ۾ سچائي، ايمانداري ۽ عوام جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ کي اوليت ڏيڻ گهرجي. ڪچهري دوران علائقي جي عوامي مسئلن، صحافين کي پيش ايندڙ ڏکيائين ۽ صحافتي برادري جي گڏيل ڪردار بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي خوشگوار ماحول ۾ ڪچهري جو سلسلو جاري رهيو. جتي هڪ ٻئي سان محبت ۽ احترام جو اظهار ڪيو ويو. عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ جي ساٿين جو چوڻ هو ته سينيئر صحافين جي پريس ڪلب آمد نوجوان صحافين لاءِ خوشي ۽ حوصلي جو سبب بڻجي ٿي. سينيئر صحافين جو تجربو، شفقت ۽ رهنمائي نئين نسل جي صحافين لاءِ وڏي اهميت رکي ٿي. هنن وڌيڪ چيو ته صحافتي برادري ۾ اتحاد، اتفاق ۽ پائيچاري کي هٿي ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، اهڙيون ملاقاتون نه رڳو صحافين وچ ۾ ويجهڙائپ پيدا ڪن ٿيون، پر گڏيل صحافتي جدوجهد کي پڻ مضبوط بڻائين ٿيون. عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ جي عهديدارن ۽ ميمبرن سينيئر صحافي عجيب علي لاکو جا دل سان ٿورا مڃيندي چيو ته سندس آمد ۽ محبت ڀري ڪچهري سندن لاءِ اعزاز آهي. هنن اميد ظاهر ڪئي ته مستقبل ۾ به اهڙيون ملاقاتون جاري رهنديون ۽ صحافتي پائيچاري جو رشتو وڌيڪ مضبوط ٿيندو

بقايا عوامي سوچ 22

فوري نوٽيس ۽ شفاف جاچ جو مطالبو تفصيل موجب ميرپورخاص جي نواب ڪالوني ۾ قائم پي پي ايڇ آءِ سينٽر، جيڪو عارضي طور ڳائنيا اسپتال کان ڪجهه اڳتي منتقل ڪيو ويو آهي، اتي مبينا طبي غفلت سبب هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو. جتي نارمل ڊليوري دوران شاهد آرائين جي گهرواري زندگي جي جنگ هارائي وئي. واقعي جي نتيجي ۾ ٻه معصوم ٻار پنهنجي ماءُ جي شفقت کان محروم ٿي ويا، جڏهن ته دنيا ۾ اک کوليندڙ نئين ڄاول نياڻي پڻ ماءُ جي ممتا کان محروم ٿي وئي. واقعي کانپوءِ فوتڻ جي وارثن ليڊي ڊاڪٽر سمرين ناز تي مبينا طبي غفلت جو الزام لڳائيندي اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. شاهد آرائين ۽ ساجد آرائين ميڊيا سان ڳالهائيندي واقعي جا تفصيل ٻڌايا ۽ مطالبو ڪيو ته سرڪاري طبي مرڪز ۾ پيش آيل هن افسوسناڪ واقعي جي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي وڃي، جيئن اصل حقيقتون سامهون اچي سگهن ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي غفلت ثابت ٿئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هن المناڪ واقعي سرڪاري طبي مرڪزن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت توڙي علاج جي سهولتن بابت ڪيترائي سوال اٿاري ڇڏيا آهن. شهرين ۽ وارثن لاڳاپيل صحت کاتي، پي پي ايڇ آءِ انتظاميا، ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي اعليٰ سطحي جاچ ڪرائي وڃي، ڊليوري دوران فراهم ڪيل طبي سهولتن، عملي جي موجودگي ۽ علاج جي رڪارڊ جو جائزو وٺي متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. عوامي حلقن جو چوڻ آهي ته سرڪاري اسپتالن ۽ طبي مرڪزن ۾ غريب ۽ بي سهارا خاندان علاج لاءِ اچن ٿا، اهڙي صورتحال ۾ ماءُ ۽ ٻار جي زندگين جو تحفظ يقيني بڻائڻ لاڳاپيل ادارن جي بنيادي ذميواري آهي. هڪ ماءُ جي المناڪ وڇوڙي هڪ خاندان کي ڏک ۽ صدمي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته صحت کاتو ۽ لاڳاپيل اختيارين واقعي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ۽ ذميوارن جي تعين لاءِ ڪهڙا عملي قدم کڻن ٿا.

بقايا عوامي سوچ 23

يو جنهن ۾ اسڪول جي شاگردن وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪندي مختلف دلچسپ ۽ تخليقي سائنسي منصوبا ۽ ماڊل پيش ڪيا. سائنس ميلي جي خاص ڳالهه اها هئي ته شاگردن پنهنجي تخليقي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي مختلف منصوبن جي تياريءَ لاءِ ضايع ٿيندڙ شين کي ڪارائتي نموني استعمال ڪيو انهن منصوبن ۾ سائنس سان گڏ سنڌي ثقافت ۽ مذهبي فن جي خوبصورت رنگن کي پڻ شامل ڪيو ويو جنهن سان ٻارن جي ذهانت تخليقي سوچ ۽ فني صلاحيتن جو ڀرپور اظهار ٿيو ميلي ۾ شاگردن پاران پيش ڪيل ماڊل ۽ منصوبا والدين توڙي مهمانن جي خاص دلچسپيءَ جو سبب بڻيا. شاگردن جي والدين اسڪول انتظاميا ۽ استادن جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته اهڙيون سرگرميون ٻارن ۾ علم حاصل ڪرڻ نئين سوچ پيدا ڪرڻ عملي سکيا ۽ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. والدين اسڪول جي انتظاميا ۽ استادن کي مبارڪباد ڏيندي سندن محنت دلچسپي ۽ ٻارن جي بهتر تعليمي تربيت لاءِ ڪيل ڪوشش کي ساراهيو استادن چيو ته اسٽيم سائنس ميلي جهڙيون سرگرميون ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته تعليم رڳو ڪتابن تائين محدود نه آهي پر ٻارن جي ذهنن ۾ سوال پيدا ڪرڻ انهن کي تجربن ذريعي سکڻ ۽ پنهنجي صلاحيتن کي عملي صورت ڏيڻ جو نالو پڻ آهي.

بقايا عوامي سوچ 24

رچ جي ڪاميابي لاءِ جاڳرتا مهم جاري آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ثمر حيدر جتوئي ۽ ايڊووڪيٽ احمد نواز انقلابي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٽنڊو محمد خان پهچي وڪيلن کي خطاب ڪيو ۽ مارچ ۾ ڀرپور شرڪت جي دعوت ڏني ان موقعي بار جي صدر ايڊووڪيٽ رسول بخش سولنگي ايڊووڪيٽ انصار شر ايڊووڪيٽ بلاول باگراڻي ۽ ٻين آجيان ڪئي ان موقعي تي ثمر حيدر جتوئي ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ملڪ جي موجوده قانون ۾ ريفرنڊم جي ڪا گنجائش ناهي، ريفرنڊم ذريعي وطن ورهائي نٿا سگهجن. سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. وفاقي گهرو وزير کي سنڌ جي مستقبل جا فيصلا ڪرڻ جو مينڊيٽ ناهي، سنڌ جي مستقبل جا فيصلا سنڌ جا ماڻهو پاڻ ڪندا. ادارا پنهنجو ڪم ڪن ۽ سياسي معاملن کي سياسي اڳواڻن تي ڇڏين. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ جا وسيلا سنڌين جي ملڪيت آهن، پنهنجي ڌرتيءَ جي مالڪي گهرڻ تي غداري جا ٺپا هنيا پيا وڃن، اسان سنڌ جا وارث آهيون ۽ سنڌ اسان جي ماءُ آهي. سنڌ هاري ڪاميٽي ڪنهن به غيرقانوني قدم کي قبول نه ڪندي ۽ سنڌ جي حقن لاءِ سياسي مزاحمت جاري رکندي. سنڌ جي ماڻهن کي سجاڳ ڪري رهيا آهيون، عوام پنهنجي ڌرتيءَ جي تحفظ لاءِ ڀرپور مزاحمت ڪندو

بقايا عوامي سوچ 25

احمد ميمڻ جي ٿي گذري. شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان عبدالرزاق ميمڻ ڪري ڪئي. شاهه جي وائي حافظ حزب الله ميمڻ پيش ڪئي. جنهن بعد "سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي" تحت دوستن ويچار ونڊيا. جن ۾ خيال ڪتريءَ ۽ تخليقون پيش ڪيون، حاجي سونهارو ٽگڙ وحدت سنڌ تي ۽ تخليقون پيش ڪيون. جڏهن ته رفيق احمد سومرو مضمون ماڻهوءَ جي اهميت تي پيش ڪيو. رفيق احمد پنهيور غزل ۽ عبدالرزاق ميمڻ پنهنجي زير ترتيب آتم ڪٿا مان سال 1984ع جون ساروڻيون ونڊ ڪيون. ان بعد سيد انارالدين شاهه وحدت سنڌ تي ڳالهايو آخر ۾ صدارتي ويچار ونڊيندي سگهڙ نظير احمد ميمڻ وحدت سنڌ تي پنهنجا ۽ نظم ونڊ ڪندي وڌيڪ چيو ته سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياري کي جس هجي جيڪا پنهنجيون گڏجاڻيون مختلف موضوعن تي وقت سر جاري رکندي اچي. هن سنڌ جي وحدت جي چيو ته هن وقت اسان اديبن ۽ شاعرن کي سنڌ جي وحدانيت تي اهم ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجيون سرگرميون تيز ڪرڻيون پونديون. چاڪاڻ ته هن وقت سنڌ کي ساجاهه وندن جي اتحاد جي تمام گهڻي ضرورت آهي. جو چئني پاسن کان سنڌ سگوريءَ جا ويري واڳن جيان وات پٽيو وينا آهن. ۽ سنڌ جو اله تله چٽ ڪرڻ چاهين ٿا. ۽ ان کي ڳيا ڳيا ڪرڻ لاءِ آتا وينا آهن. انهن کان سنڌ ڌرتيءَ کي محفوظ رکڻ لاءِ هڪ هنڌ گڏ ٿيڻو پوندو. گڏجاڻيءَ ۾ محمد بچل ميمڻ، عبدالشڪور ميمڻ، محمد اسلم ميمڻ، رفيق احمد ميمڻ، آصف جان سومرو شامل هئا.

بقايا عوامي سوچ 26

سائنسي نمائش جو ڀرپور اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ شاگردن پاران وڏي محنت ۽ تخليقي صلاحيتن سان تيار ڪيل مختلف سائنسي ماڊل نمائش لاءِ پيش ڪيا ويا. شاگردن پنهنجي ماڊلز بابت اعتماد سان بهترين پريزنٽيشن ڏئي شرڪت ڪندڙن کي متاثر ڪيو نمائش ۾ مختلف اسڪولن جي استادن، والدين، شهرين ۽ تعليم سان دلچسپي رکندڙ شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي محمد خان لنڊ، سائين عبدالرزاق درس، سائين سوڀو خان لنڊ، هائير سيڪنڊري اسڪول ارباب امير حسن جي هيڊ ماستر سائين ارباب خليل ۽ گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول محمد خان لنڊ جي هيڊ ماستر عبدالعزيز سميت استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن ڪاليج جي پرنسپال ۽ محنتي ليڪچرارن جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته پسمانده علائقي ۾ ٿوري عرصي اندر ڪاليج کي باقاعدگي سان فعال رکڻ، تعليمي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ بهتر نتيجا ڏيڻ قابل تعريف عمل آهي. هنن شاگردن جي محنت، اعتماد ۽ تخليقي صلاحيتن کي ساراهيندي ڪاليج انتظاميا کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ چيو ته اهڙيون سائنسي نمائشون شاگردن ۾ علم، تحقيق ۽ جديد ٽيڪنالاجي ڏانهن دلچسپي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون.

بقايا عوامي سوچ 27

وش اسپتال منتقل تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ۾ مبينه طور بيڪري تان مضر صحت ڪير پيئڻ سبب ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳوٺ فضل ٿهيم جي رهواسي عورت 30 ورهين جي مسمات شبيران 55 ورهين جو الله ورايو 22 ورهين جو نوجوان صداقت علي ۽ 20 ورهين جي سادي سميت 6 ڄڻا بيهوش ٿي ويا جن کي فوري طور تي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو منتقل ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ ڳوٺ فضل ٿهيم جي رهواسين ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو آهي ته ڪيفي سجاول بيڪري تان ڪير جا پيڪٽ خريد ڪيا هئا جيڪو ڪير پيئڻ سبب طبيعت خراب ٿي وئي ۽ بعد ۾ گهر ڀاتي بيهوش ٿي ويا آهن هنن ايس ايس پي گهوٽڪي کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا عوامي سوچ 28

شل انٽيليجنس (AI)، آرٽ ۽ رياضي جي موضوعن تي مختلف جديد ۽ تخليقي ماڊل تيار ڪري شاندار انداز ۾ پيش ڪيا. ننڍڙن شاگردن جي انداز ايندڙن کي ڏاڍو متاثر ڪيو جن ۾ ٿر جي ڪلچر ۽ ٿرجي ايندڙ دؤر جا ماڊل ڏاڍا دلچسپ رهيا سائنسي ميلي ۾ مختلف اسڪولن جي شاگردن، والدين، استادن، تعليمي آفيسرن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مهمانن ميلي ۾ رکيل مختلف سائنسي ماڊلز جو مشاهدو ڪيو ۽ شاگردن کان انهن بابت معلومات حاصل ڪئي. مهمانن شاگردن جي تخليقي صلاحيتن، محنت ۽ استادن جي رهنمائي کي ساراهيو. تقريب ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول الله ڏنو ڪالوني، بيل ڪالوني، ميگهواڙ ڪالوني گرلز اسڪول، گرلز هاءِ اسڪول، سائوٿ سٽي اسڪول، المهران جاءِ اسڪول ۽ نارٿ ڪالوني پرائمري اسڪول جي استادن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تعليمي آفيسرن ارجن سوٿهڙ، صديق دل، مڪيش پرهوت، ڪملا، شسيلا، ٻيرجي، عاشق علي بجير، برڪت علي بجير ۽ ٻين معزز مهمانن شرڪت ڪري شاگردن پاران تيار ڪيل ماڊلز ۽ استادن جي ڪاوشن کي ساراهيو. مهمانن جو چوڻ هو ته اهڙن سائنسي ميلن جي انعقاد سان شاگردن ۾ سائنسي سوچ، تحقيق، تخليقي صلاحيتن ۽ جديد ٽيڪنالاجي بابت ڄاڻ کي هٿي ملي ٿي. اهڙيون سرگرميون ٻارن جي ذهني نشونما ۽ تعليمي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. اسڪول جي هيڊ ماستر ڪيلاش لوڊا ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ت سنڌ گورنمنٽ ۽ تعليم جي وزير سيد سردار حسين شاهه جا اسان شڪر گذار آهيون جن سائنس ميلا منعقد ڪرائي انهن ننڍڙن ٻارن جو ڌيان سائنس ۽ ترقي طرف ڇڪايو ؛ هن جو وڌيڪ چوڻ هو ت اسين وزير تعليم سيد سردار حسين شاهه کي گذارش ٿا ڪريون ت انهن اسٽيم پروگرامن کي سليبس ۾ شامل ڪيو وڃي آخر ۾ اسڪول جي هيڊ ماستر ڪيلاش لوڊا تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن مهمانن، تعليمي آفيسرن، استادن، صحافين شاگردن ۽ والدين جا ٿورا مڃيندي سندن سهڪار کي ساراهيو.

بقايا عوامي سوچ 29

يمپ جو دورو ڪيو ان موقعي تي صدر چيمبر نديم احمد صديقي چيو ته حيدرآباد هوسٽ لائنز ڪلب پاران مسلسل 53هين ميگا مفت اکين جي ڪيمپ جو انعقاد هڪ قابلِ تحسين فلاحي قدم آهي. اکين جي صحت ۽ نظر جي مسئلن بابت علاج ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ عوامي خدمت جو هڪ اهم شعبو آهي، خاص طور تي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي مهانگي علاج جا خرچ برداشت ڪرڻ جي سگهه نٿا رکن. هن چيو ته سماجي ۽ فلاحي ادارن پاران صحت جي شعبي ۾ اهڙا قدم معاشري جي حقيقي خدمت آهن. جن جي ڀرپور حوصلا افزائي ٿيڻ گهرجي. حيدرآباد چيمبر شهر ۾ ڪاروباري سرگرمين جي فروغ سان گڏ عوامي ڀلائي ۽ فلاحي نوعيت جي مثبت قدمن کي پڻ قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ اهڙن منصوبن ۾ سهڪار ۽ پائيواري کي خوش آئند قرار ڏئي ٿو. ڪلب جي صدر محمد آصف ميمڻ چيمبر جي وفد جي آمد ۽ حوصلا افزائي تي ٿورا مڃيندي چيو ته حيدرآباد هوسٽ لائنز ڪلب جو مقصد مستحق ماڻهن تائين فلاحي ۽ صحت جون سهولتون پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ آهي. 53هين ميگا مفت اکين جي ڪيمپ جو انعقاد پڻ ان ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هن چيو ته اهڙن منصوبن جي ڪاميابي لاءِ سماجي ادارن، واپاري برادري ۽ مخير حضرات جو سهڪار نهايت اهم آهي. وفد ڪيمپ جي منتظمين جي ڪوشش کي ساراهيندي عوامي ڀلائي لاءِ جاري هن سلسلي کي قابلِ قدر قرار ڏنو. وفد ۾ سينيئر نائب صدر محمد فهد ميان، نائب صدر عرفان عاربياني، اڳوڻو صدر فاروق شيخاڻي، ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو ميمبر عارف ميمڻ، مسرور اقبال، نارو مل، فراز احمد مغل، سيد فراز علي شاهه، محمد فيصل خلجي، سينيئر ميمبر احمد ادريس چوهاڻ، محمد ياسين خلجي ۽ چيمبر جا ٻيا سينيئر ميمبر پڻ شامل هئا. ان موقعي تي حيدرآباد هوسٽ لائنز ڪلب جي چيئرمين لائن ڊاڪٽر اقبال هارون، ڪو چيئرمين لائن پيار علي اسماعيل، ڊسٽرڪٽ گورنر 305 _ Sپاڪستان لائن شڪيل احمد خان، لائن اشفاق احمد (ايف وي ڊي جي) ۽ لائن صفيا (ايس وي ڊي جي) پڻ موجود هئا. ڪيمپ 12 ۽ 13 نومبر 2026 تي پوليس گرائونڊ، صدر حيدرآباد ۾ منعقد ڪئي وئي.

بقايا عوامي سوچ 30

حيثيت بابت درخواست جي ٻڌڻي ٿي. درخواستگذار جي وڪيل 2012ع ۾ ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ٿيل، عدالت سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ کي ايندڙ ٻڌڻي تي طلب ڪيو آهي. وڪيل ٽي ايم سي لياري جهانگيرڪلهوڙو چيو ته عدالت سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ کي ملازمن جي چنڊچاڻ ۽ انهن کي مستقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. لياري ميونسپل ٽائون جاچ ڪئي آهي ۽ رڪارڊ لاڳاپيل اختيارين کي موڪليو آهي، جهانگير ڪلهوڙو. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته عدالتي حڪمن جي باوجود ملازمن کي 16 سالن کان مستقل نه ڪيو ويو آهي، عدالت کان درخواست آهي ته مستقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي. عدالت وڌيڪ ٻڌڻي 27 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا عوامي سوچ 31

ميتلو ۾ شاگردن پاران سائنس ۽ جديد ٽيڪنالاجي تي ٻڌل منفرد تعليمي ماڊل تيار ڪري نمائش لاءِ رکيا ويا، جن ۾ شاگردن پنهنجي تخليقي سوچ، سائنسي ڄاڻ ۽ عملي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. نمائش ۾ خاص طور تي Grain* Store Temperature & Humidity Safety Monitor* جي عنوان سان تيار ڪيل ماڊل شاگردن جي ڌيان جو مرڪز بڻيو هن ماڊل ذريعي چانورن جي ملن ۽ اناج جي گودامن ۾ گرمي پد ۽ هوا جي نمي کي مسلسل مانيٽر ڪرڻ جو تصور پيش ڪيو ويو، جيئن ذخيرو ڪيل اناج کي موسمي تبديلين ۽ نامناسب ماحول سبب خراب ٿيڻ کان بچائي سگهجي. ماڊل جي وضاحت ڪندي شاگردن ٻڌايو ته اونهاري ۾ گرمي پد ۽ نمي جي نگراني سان ڦڦوند، فنگس ۽ نقصانڪار جيتن جي واڌ ويجهه کي روڪڻ، چانورن جو رنگ، خوشبو، ذائقو ۽ معيار برقرار رکڻ، ملنگ دوران چانورن جي ٽٽڻ جي شرح گهٽائڻ ۽ اناج کي ضرورت کان وڌيڪ سڪي وڃڻ ۽ وزن گهٽجڻ کان بچائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. جڏهن ته سياري ۾ گرمي پد جي فرق سبب پيدا ٿيندڙ پاڻيءَ جي ٻاڦ جي ڦڙن (Condensation)، گودامن اندر نمي گڏ ٿيڻ ۽ ڪوهيڙي توڙي برسات واري موسم ۾ اناج جي آلاڻ جي خطري جي سڃاڻپ ڪري سگهجي ٿي. اهڙي نگراني سان چانورن، ڪٽڪ، مڪئي ۽ ٻين اناجن کي ڦڦوند ۽ خراب ٿيڻ کان بچائڻ ۾ مدد ملي ٿي. ماڊل جي هر موسم ۾ ڪاروباري فائدن بابت شاگردن ٻڌايو ته گرمي پد ۽ نمي ۾ غيرمعمولي تبديلي اچڻ تي فوري خبرداري (Alerts)، اسڪرين ذريعي پري کان نگراني، خودڪار وينٽيليشن ۽ ماحولياتي ڪنٽرول سان اناج جي ضايع ٿيڻ ۽ مالي نقصان کي گهٽائي سگهجي ٿو. جڏهن ته اسٽاڪ جو معيار برقرار رکڻ، اسٽوريج جي مدت وڌائڻ ۽ ڪاروباري منافعي ۾ واڌ آڻڻ پڻ ممڪن آهي ۽ ان سان گڏوگڏ ڪٽڪ، چانور سميت ٻئي اناج جو اسٽاڪ جيڪو ڪروڙين رپين جو پيل هوندو آهي ان ماڊل سان سان انهن جا ڪروڙين رپين بچي سگهن ٿا جڏهن ته ٻيو سائنسي ماڊل Structure of the Excretoاوت ۽ ڪم ڪرڻ جي طريقي کي خوبصورت انداز ۾ واضح ڪيو ويو ماڊل ۾ گردن (Kidneys)، پيشاب جون ناليون (Ureters)، مثانو (Urinary Bladder)۽ پيشاب جي نالي (Urethra) کي نمايان ڪري ٻڌايو ويو ته انساني جسم مان فاضل مادا ۽ اضافي پاڻي خارج ڪرڻ ۾ اخراجي نظام ڪهڙو اهم ڪردار ادا ڪري ٿو ان سان گڏ شاگردن وضاحت ڪئي ته گردا رت کي فلٽر ڪري فاضل مادا ۽ اضافي پاڻي پيشاب جي صورت ۾ خارج ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا، جيڪو انساني جسم جي صحت ۽ توازن برقرار رکڻ لاءِ انتهائي ضروري عمل آهي. ان موقعي تي اسڪول آپريٽر اخلاق احمد چانڊيو ،هيڊ ٽيچر غلام مصطفيٰ، عاقب علي سميت ٻين استادن چيو ته اهي ماڊل ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته شاگرد صرف ڪتابن تائين محدود نه آهن. پر عملي تجربن، مشاهدي ۽ تخليقي سوچ ذريعي علم کي حقيقي زندگيءَ جي مسئلن سان ڳنڍڻ جي صلاحيت پڻ رکن ٿا. اهڙيون تعليمي سرگرميون شاگردن ۾ تحقيق، جدت، سائنسي شعور، ٽيڪنالاجي جي استعمال ۽ مسئلن جو حل ڳولڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. فاس مڊل اسڪول دوست محمد ميتلو ۾ پيش ڪيل اهي سائنسي ماڊل نه رڳو شاگردن جي محنت، ذهانت ۽ تخليقي صلاحيتن جو عڪس آهن، پر زراعت، ڪاروبار، صحت ۽ جديد تعليم کي سائنس سان ڳنڍڻ جو هڪ مثبت قدم پڻ آهن. جيڪو مستقبل جي باصلاحيت ۽ تخليقي نسل جي تعمير لاءِ اميد جو روشن پيغام ڏئي ٿو.

بقايا عوامي سوچ 32

هر سال 14 نومبر تي سڄي دنيا ۾ ملهايو ويندڙ عالمي ذيابيطس جي ڏهاڙي جي موقعي تي آرٿوپيڊڪ ڊپارٽمينٽ ٽراما سينٽر حيدرآباد ۾ ذيابيطس ۽ ڊائبيٽڪ فوٽ جي حوالي سان "پير بچايو ٽنگ بچايو زندگي بچايو" جي عنوان هيٺ منعقد ڪيل آگاهي پروگرام کي خطاب ڪندي ڪيو ڊاڪٽر فهم احمد ميمڻ وڌيڪ چيو ته هن ڏينهن ملهائڻ جو مقصد ذيابيطس جي مرض، ان جي پيچيدگين ۽ انهن کان بچاءَ بابت عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ آهي. ذيابيطس جي هڪ خطرناڪ پيچيدگي ڊائبيٽڪ فوٽ يعني شوگر سبب متاثر ٿيندڙ پير آهي، جنهن جو بروقت علاج نه ٿيڻ جي صورت ۾ زخم، شديد انفيڪشن، گينگرين ۽ ڪڏهن ڪڏهن پير يا ٽنگ ڪٽڻ جي نوبت اچي سگهي ٿي. هن چيو ته ذيابيطس جي مريضن ۾ ڊگهي عرصي تائين رت ۾ شگر جي مقدار وڌيل رهڻ سبب پيرن جا اعصاب متاثر ٿي سگهن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ مريض کي سور، چوٽ، ساڙي يا زخم جو احساس گهٽجي ويندو آهي، جڏهن ته رت جي گردش گهٽ ٿيڻ سبب زخم دير سان ڇٽندا آهن ۽ انفيڪشن تيزيءَ سان پکڙجي سگهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن مريض کي زخم جي خبر ان وقت پوندي آهي، جڏهن انفيڪشن ڪافي حد تائين پکڙجي چڪو هوندو آهي. هن ٻڌايو ته ڊائبيٽڪ فوٽ جي شروعاتي علامتن ۾ پيرن تي ڇالا پوڻ، زخم ٿيڻ يا چمڙي ڦاٽي پوڻ، پير سن ٿيڻ، سُئين چڀڻ يا ساڙو محسوس ٿيڻ، پيرن جو ڳاڙهو، گرم يا غير معمولي طور تي سُجي وڃڻ، زخم مان پُون يا بدبوءِ اچڻ، پيرن يا آڱرين جو رنگ نيرو، ڪارو يا غير معمولي ٿي وڃڻ، زخم جو نه ڇٽڻ يا بار بار زخم ٿيڻ شامل آهن. هن ذيابيطس جي مريضن کي صلاح ڏني ته اهي پنهنجن پيرن جي حفاظت تي خاص ڌيان ڏين، روزانو ٻنهي پيرن جو معائنو ڪن، خاص طور تي آڱرين جي وچ ۾ ۽ ترين تي نظر رکن، پير صاف ۽ سڪا رکن ۽ آڱرين جي وچ ۾ نمي نه رهڻ ڏين. اگهاڙا پير هلڻ کان پاسو ڪن ۽ گهر اندر به مناسب چپل يا جوتا پائين. جوتا پائڻ کان اڳ انهن جي اندر پٿر، ڪوڪو يا ڪا ٻي شيءِ موجود هجڻ جي چڪاس ڪن. هن وڌيڪ چيو ته پيرن جا ننهن احتياط سان سڌا ڪٽين، پيرن تي ٿيل چالن، زخمن يا سخت چمڙي کي پاڻ نه ڪٽين، پيرن کي گرم پاڻي، هيٽر يا گرم پاڻيءَ جي بوتل ذريعي گرم ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪن. ان سان گڏ رت ۾ شگر، بلڊ پريشر ۽ ڪوليسٽرول کي ڪنٽرول ۾ رکن ۽ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ڊاڪٽر کان پيرن جو مڪمل معائنو ضرور ڪرائين. ڊاڪٽر فهم احمد ميمڻ ذيابيطس جي مريضن کي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته جيڪڏهن پيرن تي ڪونئون زخم، ڇالو، سوڄ، پُون يا چمڙي جي رنگ ۾ تبديلي نظر اچي ته انتظار نه ڪن ۽ فوري طور ڪنهن مستند ڊاڪٽر يا ڊائبيٽڪ فوٽ ٽيم سان رابطو ڪن. هن چيو ته "پير بچايو ٽنگ بچايو، زندگي بچايو" کي پنهنجو شعار بڻايو چاڪاڻ ته ذيابيطس جي مريضن ۾ پيرن جي زخمن ۽ انهن جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ معذوريءَ کي بروقت تشخيص، مناسب علاج، باقاعده طبي معائني ۽ عوامي آگاهي ذريعي وڏي حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو

بقايا عوامي سوچ 33

جي بجلي ۾ 6 نومبر کان لوڊشيڊنگ ناهي ٿي، اسد چيمبر کي بجلي جي مسلسل فراهمي جاري رهندي، ٽيڪنيڪل خرابي يا ڪنهن به هنگامي يا ٽيڪنيڪل سببن کانسواءِ بجلي جي فراهمي بند نه ڪئي ويندي، عدالت ڪي_اليڪٽرڪ جي جواب تي درخواست اڪلائي ڇڏي آهي .وڪيل چيمبرن ۾ غير اعلانيه لوڊشيڊنگ خلاف عدالت سان رابطو ڪيو هو.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

فقيرعلي شير خان مستوئي لاڏاڻو ڪري ويو، جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي شخصيتن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

صحافين، معززين ۽ علائقي واسين مٽن مائٽن دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري مرحوم جي آخري رسمن ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي

مرحوم جي جنازي نماز سائين انوار احمد پڙهائي، جنهن بعد مرحوم کي سوين آلين اکين سان سندس اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو

مرحوم جو تڏو ڳوٺ پنهل خان مستوئي ۾ وڇايو ويو آهي، جتي سندس پونئرن سان تعزيت ۽ ڏک ونڊڻ جو سلسلو جاري

منياڻي (رپورٽ ميول خان مستوئي) معزز شخصيت فقير علي شير خان مستوئي لاڏاڻو ڪري ويو. جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي شخصيتن جي وڏي انگ ۾ شرڪت مورو ويجهو ڳوٺ پنهل خان مستوئي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

ڪيٽي بندر ۾ متاثر ماهيگيرن سان ڊي جي فشريز جي ملاقات، جائز مسئلا حل ڪرڻ ۽ قانوني ڪارروائي جي خاطري

ڊائريڪٽر جنرل فشريز ڊاڪٽر عاصم ڪريم پنهنجي ٽيم سميت ڪيٽي بندر پهتو، جتي هن متاثر مقامي ماهيگيرن سان ملاقات

وڏن ٻيڙن جي لانچن جا عملدار مقامي هوڙن وارن ماهيگيرن کي مڇيءَ جو شڪار ڪرڻ نٿا ڏين: ڊاڪٽر عاصم ڪريم

اهڙي عمل خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ مقامي ماهيگيرن کي سندن جائز حق ڏياريا ويندا

ڪيٽي بندر (رپورٽر: نادر علي خليفو) گذريل ڏينهن ڪيٽي بندر جي سمنڊ ۾ حجامڙو ڪريڪ وٽ مقامي ماهيگيرن تي وڏين لانچن جي عملي پاران مبينا حملن ۽ کين مڇيءَ جي شڪار کان روڪڻ خلاف احتجاج واري خبر ميڊيا تي نشر ٿيڻ کا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

رمضان پنهور طرفان ٽائون ڪميٽي گهوڙاباري جي مختلف اٺ (8) ڳوٺن ۾ الٽرا فلٽريشن پلانٽ قائم

انهي سلسلي ۾ اڄ نائون (9) ڳوٺ حاجي ابراهيم پنهور ۾ الٽرا فلٽريشن پلانٽ جو افتتاح

افتتاح چيئرمين ضلع ڪائونسل ٺٽو عبدالحميد پنهور ڪيو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) بلدياتي ادارن ۾ ٽائون ڪميٽي گهوڙاباري سڀ کان اڳتي صوبائي وزير ورڪس اينڊ سروسز / جيل خانه جات سنڌ حاجي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

اسٽريم اسڪول رائونڊ ۾ ڪالهه گورنمينٽ لوئر سيڪنڊري اسڪول ٻجير ڪالوني مٺي ۾ سائنسي ميلو سجايو ويو

جنهن ۾ ٻارن سائنس، ٽيڪنالاجي، روبوٽڪ، آرٽيفيشل انٽيليجينس، آرٽ ۽ رياضي جي مضمونن ۾ بهترين ماڊل ناهي تمام بهترين انداز سان پيش ڪيا

سائوٿ سٽي اسڪول، المهراڻ جاءِ اسڪول، نارٿ ڪالوني پرائمري اسڪول ۽ انهن اسڪولن جي استادن شرڪت ڪئي

مڪيش پرهوت، ڪملا، ششيلا، سائين بيرجي، عاشق علي ٻجير، برڪت علي ٻجير ۽ ٻين ڪيترن سول سوسائٽي جي نمائندن شرڪت

مٺي (ڊ_ر محمدرحيم مگريو) اسٽريم اسڪول رائونڊ ۾ ڪالهه گورنمينٽ لوئر سيڪنڊري اسڪول ٻجير ڪالوني مٺي ۾ سائنسي ميلو سجايو ويو جنهن ۾ ٻارن سائنس، ٽيڪنالاجي، روبوٽڪ، آرٽيفيشل انٽيليجنس، آرٽ ۽ رياضي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

گهارو پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، بلائنڊ مرڊر ڪيس ٽريس، پيش امام جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار هٿيار ۽ 5 ڪارتوس هٿ

فجر جي نماز وقت نئين آبادي گهارو ۾ فائرنگ ڪري پيش امام اڪرام الله پناڻ کي قتل ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

واقعي جو ڪيس نمبر 295/2026، مقتول جي چاچي هدايت الله پناڻ جي فرياد تي گهارو ٿاڻي تي قلم 302 تحت داخل ڪيو ويو هو

ايس ايڇ او گهارو سب انسپيڪٽر فدا خاصخيلي ۽ اي ايس آءِ علي بخش لنڊ تي مشتمل خاص ٽيم جوڙي هئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) گهارو پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، بلائنڊ مرڊر ڪيس ٽريس. پيش امام جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار، هٿيار ۽ 5 ڪارتوس هٿ گهارو پوليس 28 آڪٽوبر 2026ع تي فجر جي نماز وقت نئين آبادي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي جي سينيئر استاد سائين مهيش ڪمار ڪرشن لال شرما 60 سالن جون خدمتون مڪمل ڪري رٽائرڊ ٿي ويا، شاندار الوداعي تقريب منعقد

مٺي (ڊ_ر محمدرحيم مگريو) گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي جي نهايت فرض شناس، محنتي، مخلص ۽ قابل استاد سائين مهيش ڪمار ڪرشن لال شرما (W.I)پنهنجي ملازمت جا 60 سال انتهائي خوش اسلوبي، ايمانداري ۽ بهترين انداز سان مڪمل ڪري رٽائرڊ ٿي ويا. ان موقعي تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي جي سموري /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان ڪٽوتين خلاف ڪارروائي

ملندڙ امدادي رقم بنا ڪنهن ڪٽوتي جي فراهم ڪرڻ لاءِ ڊائريڪٽر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ضلعو ٺٽو ميڊم طاهر پيجوهو سرگرم ٿي وئي

ڳوٺ ٺٽو غلام الله کان ويندي ساحلي پٽيءَ جي ڪيٽي بندر تائين هنگامي دورا ڪري مستحق عورتن سان ملاقاتون ڪيون پيون وڃن

امدادي رقم جي ورهاست بابت شڪايتون ٻڌيون ويون. ان موقعي تي عورتن پاران شڪايتون ڪيون ويون

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان ڪٽوتين خلاف ڪارروائي، ڊائريڪٽر طاهر پيجوهو جا ٺٽي سميت ساحلي پٽيءَ جا هنگامي دورا ضلعي ٺٽي جي غريب ۽ مستحق عورتن کي بينظير انڪم سپورٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڏوڪري زمين جي تڪرار تان مگريو ۽ ڪوڪر برادري جي ماڻهن جي گڏيل پريس ڪانفرنس

سندس والد شاهه محمد مگريو حياتيءَ ۾ ئي ملڪيت جي ورهاست ڪري ويو هو

سندس مرحوم ڀاءُ رياض مگريو پنهنجي حصي مان 4 جريب زمين امتياز ڪوڪر کي وڪرو ڪئي هئي

زمين پنهنجي جائز حصي مان وڪرو ڪئي وئي آهي ۽ خريداري جو مڪمل دستاويزي رڪارڊ موجود آهي

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري زمين جي تڪرار تان مگريو ۽ ڪوڪر برادري جي ماڻهن جي گڏيل پريس ڪانفرنس. تفصيل موجب ڏوڪري جي ڳوٺ دريا خان مگريو جي رهواسي عبدالستار مگريو، ڏوڪري جي رهواسي غلام محمد ڪوڪر ۽ ام/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

DOKRI PRESS CLUB
ڏوڪري پريس ڪلب تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو
KTN
Sindh News

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان ڪٽوتين خلاف ڪارروائي

ڊائريڪٽر طاهر پيجوهو جا ٺٽي سميت ساحلي پٽيءَ جا هنگامي دورا

ڊائريڪٽر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ضلعو ٺٽو ميڊم طاهر پيجوهو سرگرم ٿي وئي، ڀوائيس هولڊرن ۽ ايجنٽن خلاف ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي رقم مان ڪٽوتين خلاف ڪارروائي، ڊائريڪٽر طاهر پيجوهو جا ٺٽي سميت ساحلي پٽيءَ جا هنگامي دورا ضلعي ٺٽي جي غريب ۽ مستحق عورتن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت ملندڙ امدادي رقم بنا ڪنهن ڪٽوتي جي فراهم ڪرڻ لاءِ ڊائريڪٽر بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ضلعو ٺٽو ميڊم طاهر پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ٺٽه سيمينٽ فيڪٽري مڪلي کان مڪلي بائي پاس تائين گڏهن جي ريس جو سخت مقابلو منعقد

جنهن ۾ پهرئين نمبر تي بابو لاسي جو گڏھ گبراهٽ

ٻئي نمبر تي اصغر بروهي جو گڏھ ٻبرو ۽ ٽيئن نمبر تي رحيم شيخ جو ڳاڙهو گڏھ ميدان ماري ڪاميابي ماڻي ورتي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) اسپورٽس ۽ يوٿ افيئر ڊپارٽمينٽ ٺٽي طرفان ٺٽه سيمينٽ فيڪٽري مڪلي کان مڪلي بائي پاس تائين گڏهن جي ريس جو سخت مقابلو منعقد ڪرايو ويو. جنهن ۾ پهرئين نمبر تي بابو لاسي جو گڏھ گبراهٽ، ٻئي نم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

بدين ۾ پاڪستان فشر فوڪ جي ريلي

فوسل فيولز جا نوان منصوبا بند ڪرڻ ۽ موسمياتي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو

متاثرن جي نقصانن جو ازالو ڪيو وڃي ۽ توانائيءَ ڏانهن منصفاڻي منتقلي يقيني بڻائي وڃي

بدين (رجب راهمون) بدين ۾ پاڪستان فشر فوڪ جي ريلي، فوسل فيولز جا نوان منصوبا بند ڪرڻ ۽ موسمياتي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

چيني انجنيئرن جي گاڏي تي حملي واري ڪيس ۾ جوابدار کي 48 سال جي قيد

استغاثه ثبوتن سان ثابت ڪيو ته جوابدار چيني انجنيئرن جي گاڏي کي منصوبابندي مطابق نشانو بڻايو: عدالت

چيني انجنيئر پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ ٻطرفي معاهدن جي تحت قومي اهميت جي منصوبن تي ڪم ڪري رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت ۾ گل بائي ويجهو چيني انجنيئرن جي گاڏي تي حملي واري ڪيس ۾ عدالت جوابدار داد بخ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب19

صالح پٽ پرسان پوليو مهم ۾ مبينا غفلت

ٽن گهرن جا 7 معصوم ٻار پوليو کان بچاءَ وارن ڦڙن کان محروم، اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

رهجي ويل ستن معصوم ٻارن کي بنا دير پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ کي يقيني بڻايو وڃي

صالح پٽ (رپورٽ غلام نبي ميرجت) صالح پٽ پرسان ڳوٺ دائود خان پنيرو، يوسي مامڙو ۾ پوليو کان بچاءَ واري مهم دوران مبينا غفلت ۽ لاپرواهي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب18

سکر_ملتان انٽرچينج لڳ پيٽرول پمپ وٽ جنوجي کان روهڙي طرف ايندڙ مسافر وين ۾ اوچتو باهه ڀڙڪي پئي

باهه جا شعلا بلند ٿيندي ئي اتي موجود ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي پرسان سکر_ملتان انٽرچينج لڳ پيٽرول پمپ وٽ جنوجي کان روهڙي طرف ايندڙ مسافر وين ۾ اوچتو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڏوڪري ۾ آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب جي سالگرهه جي حوالي سان تقريب ڪوٺائي وئي

زبير جتوئي ۽ ٻين آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب جي سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

جهڙن مسئلن کي سنڌ ۽ ملڪ جو عوام ڀوڳي رهيو آهي

ڏوڪري (رپورٽر)ڏوڪري ۾ آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب جي سالگرهه جي حوالي سان تقريب ڪوٺائي وئي تقريب ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

سچل جي حد ۾ صفائي ڪندڙ عملي تي تشدد ڪندڙ جوابدار گرفتار

ايس ايڇ او سچل اعجاز جي بهادرانه ڪارروائي تي عوام پاران ساراهه

پورهيت طبقو اسان جي عزت آهي، ان تي تشدد ناقابل برداشت آهي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) سچل جي حد ۾ صفائي ڪندڙ عملي تي تشدد ڪندڙ جوابدار گرفتار. ايس ايڇ او سچل اعجاز جي بهادرانه ڪارروائي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

دادو ۾ حضرت سيده فاطمة الزهراءِ سلام الله عليها جي شهادت جي ڏهاڙي تي مرڪزي ماتمي جلوس

هزارين عزادارن جي شرڪت، ڪربلا چوڪ ۽ نيو چوڪ تي نوحه خواني ۽ ننگر نياز جو اهتمام

ماتمي جلوس جي سمورن رستن ۽ اهم چوڪن تي پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪري سخت حفاظتي انتظام ڪيا ويا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) حضرت سيده فاطمة الزهراءِ سلام الله عليها جي شهادت جي ڏهاڙي 3 جمادي الثاني جي سلسلي ۾ دادو جي مرڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سلطان پور شاخ جي آبادگارن جو شاخ جي وارا بندي ۽ رشوت عيوض پاڻي وڪرو ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

اسان جي واري شاخ بند ڪري رات جو بااثر زميندارن کي پئسن عيوض پاڻي وڪرو ڪن ٿا فتح محمد خاصخيلي

ٻي صورت ۾ اسان ڏهه ڏري موري تي ايريگيشن آفيس اڳيان پنهنجي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙينداسين

اوڏيرولال (رپورٽ غلانبي چنو) سلطان پور شاخ جي آبادگارن جو شاخ جي وارا بندي ۽ رشوت عيوض پاڻي وڪرو ڪرڻ خلاف احتجاجي مظا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

جلوس عزا شهادت بيبي فاطمه زهره شيرازي امام بارگاهه ٺٽي کان جلوس ڪڍيو ويو

شاهي بازار ٺٽي کان پنهنجي مقرر روٽن کان ٿيندو علو شاهه مست امام بارگاهه تي پهچي اختتام پذير ٿيو

سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا، جيئن ڪو اڻٽڻندڙ واقعو پيش اچي نه سگهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) جلوس عزا شهادت بيبي فاطمه زهره شيرازي امام بارگاهه ٺٽي کان جلوس جي باني سيد جاويد شاهه جي قيادت ۾ ڪڍيو ويو. جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

حيدرآباد پوليس تي واپاري علي خان لنڊ کي 8 ڏينهن کان گم ڪرڻ جو الزام

وارثن جو دادو پريس ڪلب آڏو احتجاج، هاءِ ڪورٽ سان رجوع

واپاري ڀاءُ علي خان لنڊ کي فوري طور بازياب ڪرائي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي چانڊو شاهه آباد ڪالوني جي رهواسين حاجي محمد رمضان لنڊ، علي نواز لنڊ ۽ غلام محمد لنڊ پنهنج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

گمبٽ جي سينيئر صحافي عجيب علي لاکو جي عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ تي آمد

صحافين سان محبت ۽ قرب ڀري ڪچهري، صحافتي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

شوڪت علي آرائين بيشمر ڪمار حسين جاگيراڻي سان ملاقات ڪري محبت، پنهنجائپ ۽ قرب ڀري ڪچهري ڪئي

. سندس آمد تي پريس ڪلب جي ساٿين پاران گرمجوشي سان آجيان ڪئي وئي

گمبٽ (رپورٽر) گمبٽ جي سينيئر ۽ تجربيڪار صحافي عجيب علي لاکو اڄ عوامي ميڊيا پريس ڪلب گمبٽ جو دورو ڪيو، جتي هن پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن شير محمد ناريجو مريد حسين ٽانوري طارق علي جتوئي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ميرپورخاص ۾ مبينا طبي غفلت جو افسوسناڪ واقعو، نارمل ڊليوري دوران عورت فوت

ٻه ٻار ۽ نئين ڄاول نياڻي ماءُ جي شفقت کان محروم! وارثن جو ليڊي ڊاڪٽر سمرين ناز تي غفلت جو الزام

ميرپورخاص جي نواب ڪالوني ۾ قائم پي پي ايڇ آءِ سينٽر، جيڪو عارضي طور گائنيا اسپتال کان ڪجهه اڳتي منتقل ڪيو ويو

اتي مبينا طبي غفلت سبب هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو، جتي نارمل ڊليوري دوران شاهد آرائين جي گهرواري زندگي جي جنگ هارائي وئي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ)ميرپورخاص ۾ مبينا طبي غفلت جو افسوسناڪ واقعو، نارمل ڊليوري دوران عورت فوت، ٻه ٻار ۽ نئين ڄاول نياڻي ماءُ جي شفقت کان محروم! وارثن جو ليڊي ڊاڪٽر سمرين ناز تي غفلت جو الزام، اعليٰ اختيارين کان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

حسن علي هڪڙو ميموريل پبلڪ هاءِ اسڪول قمبر ۾ سائنس ميلو

شاگردن جا ويسٽ مٽيريل مان تيار ڪيل دلچسپ ۽ تخليقي ماڊل ڌيان جو مرڪز بڻجي ويا

اسڪول جي شاگردن شرڪت ڪندي مختلف دلچسپ ۽ تخليقي سائنسي منصوبا ۽ ماڊل پيش ڪيا

قمبر(رپورٽر) حسن علي هڪڙو ميموريل پبلڪ هاءِ اسڪول قمبر علي خان ۾ اڄ 13 نومبر 2026ع تي اسٽيم سائنس ميلو منعقد ڪيو و/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت قبول نه ڪنداسين، سنڌ هاري ڪاميٽي سياسي مزاحمت ڪندي: ثمر حيدر جتوئي

سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان 18 نومبر تي ٽنڊو محمد خان ۾ رٽيل جام محبت پيئي سنڌ مارچ جي ڪاميابي لاءِ جاڳرتا مهم جاري

سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ثمر حيدر جتوئي ۽ ايڊووڪيٽ احمد نواز انقلابي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ٽنڊو محمد خان پهچي وڪيلن کي خطاب ڪيو

بار جي صدر ايڊووڪيٽ رسول بخش سولنگي ايڊووڪيٽ انصار شر ايڊووڪيٽ بلاول باگراڻي ۽ ٻين آجيان ڪئي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر)سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت قبول نه ڪنداسين. سنڌ هاري ڪاميٽي سياسي مزاحمت ڪندي: ثمر حيدر جتوئي سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان 18 نومبر تي ٽنڊو محمد خان ۾ رٽيل جام محبت پيئي سنڌ ما/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي" تحت سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياريءَ جي ويهڪ ٿي گذري

سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياريءَ پاران "سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي" تحت ادبي ويهڪ زير صدارت سنڌ جي پلوڙ سگهڙ نظير احمد ميمڻ جي ٿي گذري

شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان عبدالرزاق ميمڻ ڪري ڪئي. شاهه جي وائي حافظ حزب الله ميمڻ پيش ڪئي

جنهن بعد "سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي" تحت دوستن ويچار ونڊيا. جن ۾ خيال ڪتريءَ ۽ تخليقون پيش ڪيون

مٽياري (رپورٽر)سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي" تحت سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياريءَ جي ويهڪ ٿي گذري سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياريءَ پاران "سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي" تحت ادبي ويهڪ زير صدارت سنڌ جي پلوڙ سگهڙ نظير/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

سنڌ هڪ آهي هڪ رهندي" تحت سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياريءَ جي ويهڪ ٿي گذري

ڪلوئي جي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ شاندار سائنسي نمائش

مٺي/ ٿرپارڪر:(رپورٽر) ڪلوئي جي غلام محمد راهو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪلوئي ۾ اڄ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ميرپور ماٿيلو: ڪير پيئڻ سبب 6 ٻچا بيهوش، اسپتال منتقل

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو بيڪري تان خريد ڪيل ڪير ڪير پيئڻ سبب 6 ٻچا بيه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

مٺي جي گورنمينٽ لوئر سيڪنڊري اسڪول ٻجير ڪالوني ۾ سائنسي ميلو

اسڪولن جي شاگردن، والدين، استادن، تعليمي آفيسرن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مهمانن ميلي ۾ رکيل مختلف سائنسي ماڊلز جو مشاهدو ڪيو ۽ شاگردن کان انهن بابت معلومات حاصل ڪئي

سمورن مهمانن، تعليمي آفيسرن، استادن، صحافين شاگردن ۽ والدين جا ٿورا مڃيندي سندن سهڪار کي ساراهيو

مٺي (رپورٽر) اسٽريم (STREAM)اسڪول رائونڊ جي سلسلي ۾ گورنمينٽ لوئر سيڪنڊري اسڪول ٻجير ڪالوني مٺي ۾ شاندار شاگردن سائنسي ميلي جو انعقاد ڪيو ويو. جنهن ۾ شاگردن سائنس، ٽيڪنالاجي، روبوٽڪس، آرٽيفي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

مفت اکين جي ڪيمپ جهڙا فلاحي قدم ساراهه جوڳا آهن: نديم احمد صديقي

صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ سماجي ادارن جو ڪردار انتهائي اهم آهي، صدر حيدرآباد چيمبر نديم احمد صديقي

حيدرآباد هوسٽ لائنز ڪلب پاران 53هين ميگا مفت اکين جي ڪيمپ جو انعقاد قابلِ تحسين آهي، ڪلب جو صدر محمد آصف ميمڻ

حيدرآباد هوسٽ لائنز ڪلب پاران مسلسل 53هين ميگا مفت اکين جي ڪيمپ جو انعقاد هڪ قابلِ تحسين فلاحي قدم آهي

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز اينڊ اسمال انڊسٽري جي صدر نديم احمد صديقي جي سربراهيءَ ۾ چيمبر جي وفد حيدرآباد هوسٽ لائنز ڪلب جي اهتمام هيٺ منعقد ڪيل 53هين ميگا مفت اکين جي ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

حيدرآباد: حيدرآباد چيمبر آف اسمال ٽريڊرز اينڊ اسمال انڊسٽري جي صدر نديم احمد صديقي مفت اکين جي ڪيمپ جو دورو ڪندي

ڪي ايم سي جي ڪانٽريڪٽ تي مقرر ملازمن جي مستقل حيثيت بابت ٻڌڻي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪي ايم سي جي ڪانٽريڪٽ تي مقرر ملازمن جي مستقل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

فاس مڊل اسڪول دوست محمد ميتلو ۾ شاگردن جا سائنسي ماڊل نمائش لاءِ پيش

قمبر (رپورٽر) سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي تعاون سان هلندڙ فاس مڊل اسڪول دوست محمد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

ذيابيطس جي مريضن کي پنهنجن پيرن جي خاص حفاظت ڪرڻ گهرجي: ڊاڪٽر فهم احمد ميمڻ

هن ڏينهن ملهائڻ جو مقصد ذيابيطس جي مرض، ان جي پيچيدگين ۽ انهن کان بچاءَ بابت عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ آهي

ذيابيطس جي هڪ خطرناڪ پيچيدگي ڊائبيٽڪ فوٽ يعني شوگر سبب متاثر ٿيندڙ پير آهي

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ڄامشورو جي ڊپارٽمينٽ آف آرٿوپيڊڪ سرجري (ٽراما سينٽر) جي سربراهه پروفيسر ڊاڪٽر فهم احمد ميمڻ چيو آهي ته ذيابيطس جي مريضن کي پنهنجن پيرن جي خاص حفاظت ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته بروقت تشخيص ۽ علاج ذريعي ٽنگ ڪٽجڻ کان بچائي سگهجي ٿو. اهڙن خيالن جو اظهار هن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

وڪيلن جي چيمبرن ۾ غير اعلانيه لوڊشيڊنگ خلاف درخواست تي ٻڌڻي

اسد چيمبر جي بجلي ۾ 6 نومبر کان لوڊشيڊنگ ناهي ٿي، اسد چيمبر کي بجلي جي مسلسل فراهمي جاري رهندي

ٽيڪنيڪل خرابي يا ڪنهن به هنگامي يا ٽيڪنيڪل سببن ڪانسواءِ بجلي جي فراهمي بند نه ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ صدر واري علائقي ۾ وڪيلن جي چيمبرن ۾ غير اعلانيه لوڊشيڊنگ خلاف درخواست جي ٻڌڻي دوران ڪي_اليڪٽرڪ عدالت ۾ لکت ۾ جواب جمع ڪرائي ڇڏيو آهي. جواب ۾ چيو ويو آهي ته اسد چيمبر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33